ڪُڙڪَ

مجموعہ ڪلام

گل دراني پبليڪيشن پراڻو سکر، سنڌ

ڪُڙِڪَ

مجموعہ ڪلامُ: شَعِرِو سُخَنَ، غَزلِيات

الراقم اشعار
الحاج آغا غلام محمد خان "گل" دُراني

گل دراني پبليڪيشن
پراڻو سکر، سنڌ
2004ع

[هن ڪتاب جا جُملہ حق ۽ واسطا ، الحاج آغا غلام محمد خان، دُرانيءَ وٽ محفوظ آهن]

ڪتاب جو نالو: "ڪُڙڪ" (شاعري)

ليکڪ: الحاج آغا غلام محمد خان "گل" دُراني

ڇاپو پهريون: 2004ع

تعداد: 500

ڇپائيندڙ: "گُل" دُراني پبليڪيشن، ڪڙي ڪوارٽرس محلہ،
نصرت ڪالوني روڊ، پراڻو سکر، سنڌ - پاڪستان.

ڇپيندڙ: سنڌي ادبي بورڊ، پرنٽنگ پريس، ڄامشورو

قيمت: 101 روپيا

تصویر اشعارگو



الراقم اشعار

الحاج آغا غلام محمد خان "گل" دُراني

بِسمِ اللهِ الرحمٰن الرحيم

گذارشات

مان پنهجي شاعريءَ جي ڪلام جا ڪتاب، جهڙوڪ: لُڙڪَ، ڀِڙڪَ، مُرڪَ ۽ ڪُڙڪَ، خداوند ڪريمَ جي فضل و ڪرم سان ڇپرائي اوهان حضرات جي خدمت ۾ پيش ڪري چڪو آهيان، الحمدالله، اُهي ڪتاب اوهان حضرات مطالع بہ ڪري چُڪا هوندا! پوءِ اِها راءِ قائم ڪرڻ هاڻي اوهان صاحبن تي مُنحصر آهي. منهنجو ڪم هو، پنهنجي اندر جو آواز، عوام الناس جي اڳيان پيش ڪرڻ، جيڪو مان پورو ڪري چڪوِ آهيان، الحمدالله.

پَــــــروڙَ ڪـــــــي پَـــــــروڙَنَ،
سڀ ڪنهن جو ڪمِ ناهي سُپرين.
"گـــــل" رِنــــد رَڙنــــدا وَتــــن؛
اثـــر نـــہ پَـــيـــو، دل تـــي تِـــن.

خادم العلم

تاريخ: ٢-٢-٢٠٠٢ الحاج آغا غلام محمد خان "گل" دراني

ڪڙي ڪواٽرس محلہ،

پراڻو سکر، سنڌ پاڪستان

ٽيليفون نمبر: 26431

بِسمِ اللهِ الرحمٰنِ الرحيمِ

مهاڳ

پنکڙين تي شبنم

لُڙڪَ، پِڙڪ ۽ مُرڪَ کان پوءِ "کُڙڪَ" الحاج آغا غلام محمدخان "گل" دراني ءَ جو چوٿون مجموعه ڪلام آهي. ان جو مهاڳ به منهنجي پکي پيو آهي ۽ اها منهنجي خوش نصيبي آهي، اُنکري به ته اِن بهاني ئي سهي "گل" دراني ءَ جي شاعري پڙهڻ ۽ هن جي شاعريءَ جي حوالي سان ڪجهه چوڻ جو موقعو مليم. نه ته چوڻ جا حق ۽ واسطا ٻين پنهنجن ئي تُوهر هٿن سان پنهنجي ئي نالي لکي ورتا آهن ۽ جيڪي به وٽين تو، اُهو وَتن تا داڦيندا ۽ پاڻ پنهنجي واتان وتن پاڻ تي لقب لائيندا. ائين اُهي پنهنجي اصل مارڳ، جيڪو ماڳ تائين رسائي تو، کي ڇڏي، اَنڌيءَ گهوڙيءَ وانگي ڪل ۾ ڪاهي پيا آهن. ان صورتحال ۾، هڪ شاعر "گل" دراني، سيني کان پري، پنهنجي اندر کي پنهنجيءَ شاعريءَ وسيلي اسان سان اوري رهيو آهي:

ڪارا ڪڪر اُڀ تي، ڪڙڪا ڪاهه تا ڪن،
ڪنوڻيون خوب ڪلائي، ترڙڪا تاهه تا ڪن.

جيڪي به شاعر آهن، انهن کي هن پيرسن جوان جي اورچائيءَ مان سبق گهرجي، "گل" دراني ورهه ۾ وڪوڙيل وجود آهي، برهه جي باهه آهي، جيڪا "گل" دراني ۾ پلٽي ڇڏي آهي. ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي، پني، تي ڪري، لفظ ٻڌجي تا پون. انهن ڳوڙهن سان اها برهه جي باهه وسامي نه ٿي، ويتر پڙڪي ٿي پوي:

برهه جي باهه پڙڪائي، پجي پيو، پجي ٿو،
تير نظر جا وار وسائي، زخمن تي لوڻ ٻرڪي ٿو.

ظاهر آهي ته شاعريءَ ۾ جذبا، احساس، ڪيفيتون، واقعا، حادثا، ڪردار، منظر، مطلب ته دنيا جهان، ڪائناتون هونديون آهن، پرجيڪڏهن لفظ نه آهن، ته پوءِ انهن مان ڪجهه به نه آهن. ائين سٽن جي سٽاءَ ۾ لفظن

جي جڙاءُ سان شاعر اُنهن جذبن، احساسن، منظرن... جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اسان جي آڏو انهن کيُ پيش ڪري ٿو. ڏک، سک، خوشي، غم، لڙڪ، مُرڪ، سچ، ڪوڙ، ملڻ، وڇڙڻ، پَچ، پاپ، وفا، جفا، چڱايون، لڱايون، نيڪي، بدي... ان ريت زندگي اهڙين ئي هاڪارتين ۽ ناڪارتين سان ئي عبارت آهي، (شايد!) ڪيفيتون، واقعا يا حادثا ساڳيا ٿي سگهن ٿا، پر انهن جو اظهار لازمي نہ آهي تہ ساڳيو ئي هجي. اتي اِهو بہ ڏسڻو پوندو تہ حالتن ۽ واقعن کي ڪيترو شدت سان محسوس ڪيو ويو آهي ۽ انهن کي ڪيتري گهرائي سان ڪنيو ۽ پيش ڪيو ويو آهي. بهرحال، ائين مختلف شاعر، ساڳين شين کي (مثلاً چند) مختلف انداز سان ڏسن ٿا ۽ مختلف انداز ۾ ان جو اظهار ڪن ٿا. ظاهر آهي تہ جيئن مون پهرين بہ چيو آهي تہ هڪ شاعر وٽ انهن احساسن ۽ حالت جي اظهار جو واحد وسيلو صرف ۽ صرف لفظ آهن، ان ڪري ظاهر آهي تہ انهن احساسن ۽ حالتن سان، ٺهڪندڙ لفظ ئي ڪتب آڻڻا پوندا آهن. ائين نہ رڳو مختلف پر ساڳئي وقت مخصوص لفظ/لهجو بہ اسان کي شاعريءَ ۾ ملي ٿو، مثلاً سنڌيءَ جو هڪ عام لفظ آهي، ”چوري“ ۽ ان کي ٻئي لفظي صورت ۾ چيوسين ”چوري چني“ يا ”چني چوري“ مان هتي ان لفظ جي ڪا معنيٰ ڪرڻ نٿو چاهيان. چاڪاڻ تہ اُن جي صرف لفظي معنيٰ ئي ڪري سگهجي ٿي ۽ اها توهين چاڻُو بہ ٿا، پر جي توهين انگلش/ اردو ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهيل آهيو ۽ توهان جي گهر مان بہ سنڌي ٻولي تڙيل آهي ۽ توهين پنهنجي پنج سرار سال جي تهذيب کي ڇڏي، پراين دهلن تي احمق وانگر نچي رهيا آهيو، تہ پوءِ توهان کي ان لفظ جي معنيٰ ڪنهن ڊڪشنريءَ ۾ ڏسڻي پوندي ۽ اتي بہ توهان کي ان جي لفظي معنيٰ ئي ملندي، جڏهن تہ شاعريءَ ۾ ڪتب آندل لفظ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو، ”گل“ درانيءَ ان لفظ ”چوريءَ چنيءَ“ جو استعمال هيئن ڪيو آهي:

چوريءَ چنيءَ کي، سورن سـاڙي ڇـڏيو،
جيرا، ٻڪيون جلائي، جسم ڪاڙهي ڇڏيو.

مان ان شعر جي ڪابہ تاويل ڏئي، ان جي ڪابہ هٽ نوڪي معنيٰ نہ ٿو ڪرڻ چاهيان. مون رڳو ان ۾ ڪتب آندل لفظ ”چوريءَ چنيءَ“ ڏانهن توهان جو ڌيان ڇڪائڻ ٿي چاهيو، جيڪو وسيع معنيٰ رکي ٿو ۽ اُها معنيٰ

صرف محسوس ڪري سگهجيٰ ٿي. سمجهائي نه ٿي سگهجي. پر محسوس ڪرڻ لاءِ به لازمي آهي ته توهين اهڙين حالتن مان گذريا هجو. هتي مان اهو قطعي نه ٿو چوان ته سنڌ يا سنڌي انهيءَ ساڳيءَ حالت (چوريءَ چنيءَ واري) مان گذرندي آهي- ۽ اها به اڄڪلهه ڪان نه، پر صدين ڪان؟- سنڌ صدين ڪان دلوراءِ جي نگري آهي.

يقيناً اهو شعر ذاتي وارتا جي حوالي سان ئي چيو ويو آهي، پر جيئن اسين "چوريءَ چنيءَ" لفظ کي چڙو ان جي لفظي معنيٰ تائين محدود نه ٿا رکي سگهون. تيئن ان شعر کي صرف فرد (شاعر) جي ذاتي وارتا چئي نٿا سگهون. پر مان لڳاتار اهوئي سوچيندو پئي رهيس، ان شعر پڙهڻ کان پوءِ، ته "چوريءَ چنيءَ" لفظ شاعريءَ ۾ پهرين به ڪتب آيو آهي؟ "گل" درانيءَ جي شاعري ۾ عڪس، منظر ۽ ڏيکڻ جا به روپ آهن.

هيءُ سٽون پڙهي، انهن سٽن هينئان لاشعوري طور تي، پتن تان ٽپڪندڙ بوند جهٽڻ لاءِ، ٻڪُ جهلڻو ٿو پوي، توهين به شعر پڙهو ۽ ٻڪَ جهليو:

پنکڙين تي، شبنم جرڪي ٿي،
پــتن تــان بــونــد، ٽــپــڪــي ٿــي.

سنڌي شاعريءَ ۾ "مارئي" هڪ ڪردار به آهي ته هڪ اهڃاڻ (SYMBOL) به! مان نه ٿو سمجهان ته ڪو اهڙو سنڌي شاعر هوندو، جنهن "مارئيءَ" تي نه لکيو هوندو. "گل" درانيءَ به انهيءَ روايت سان پاڻ کي جوڙي رکيو آهي:

پــر لـــڳـــن اُڏامـــي وجـــــان،
سنــگـهــارن ڪي وجي ڏسي اچــان.

انهيءَ ڪلام جون آخري سٽون عجيب آهن، جيڪي ان کي منطقي پڄاڻيءَ تي به رسائين ٿيون. انهيءَ ڪلام ۾، ڪنهن سان به ڪو به ڏک ڏوراپو نه آهي، نه عمر سان نه مارن سان ۽ نه قسمت سان.

نيٽين نيــرڳــڙن، انهن جــي جــدائــي ڪــان،
سار سنگهارن جي "گل" وجي ڏسي اچان.

مارئي اهو نه ٿي چئي ته سنگهار منهنجي اڇي سار لهن، پر هوءَ

پاڻ سنگهارن جي سار لهي اچڻ لاءِ اتاولي آهي. يقيناً هڪ شاعر جو بنيادي ڪم تخليق ڪرڻ ئي آهي. هڪ تخليق مڪمل ڪري، هو ٻيءَ تخليق ڏانهن وڃي ٿو. هو ڪا تخليق اڌ ۾ ڇڏي، ٻيءَ ڏانهن وڃي ٿو. ائين هن جو ڪم ڪڏهن به پورو نه ٿو ٿئي، وصال ۾ فراق جو ڪتڪو، فراق ۾ وصال جي آس. پرديس، پرديسي ۽ ان جي ياد ””گل“ دراني پڙهندڙن کي ان رَندَ پنڌَ تان وٺي ٿو هلي ۽ هن جي دل ۾ به ڪا ياد جاڳي ٿي اُٿي:

پـرديـسـي يـاد اچـي ٿـو،
دل ڏتـاري، ديـس ڇـڏي ويـو.

”گل“ دراني‌ءَ جي ڪلام جي مجموعي ”پڙڪ“ جي مهاڳ ۾ مون سندس ئي شاعريءَ جي حوالي سان جسم ۽ روح جي ڳالهه ڪئي هئي ۽ جسم تي روح کي ترجيح ڏني هئي، مون چوڻ اهو پئي چاهيو ته جسم (گهاڙيتو Formotes) ۽ روح (احساس خيال) جي سنبنڌ سان ئي شاعري وجود ماڻي ٿي. پر جتي به احساس، خيال (روح) ۾ گهائي پوي ٿي، ته پوءِ جسم گهاڙيتا (Formates) وجود ۾ پڻ اچن ٿا.

”گل“ دراني‌ءَ ان ڏس ۾ ڪيتريقدر ڪامياب ٿيو آهي، ته ان جو فيصلو هن پاڻ به پڙهندڙن تي ڇڏيو آهي ۽ منهنجي راءِ ۾ اُهي ئي صحيح منصف به آهن. البت، مان ”گل“ دراني‌ءَ جي شاعري لاءِ ايترو سو ضرور چوندس ته هن ڏاڍي سادگيءَ سان پنهنجن احساسن کي لفظن جي لڙيءَ ۾ پويو آهي ۽ هو بي وفا جي ڳالهه نه ڪرڻ جو چئي به ڳالهه ڪري ٿو وڃي:

وفـا جي بـدلي، جنهن جـفـا ڪئي،
اهڙي بيـوفـا جي ڳالهـه، ڪجي ڇو،
جـنـهـن شـهَـر ۾ درد پـرايـو،
ان شـهـر مـان گـذر، ڪجي ڇـو.

امداد حسيني
ڄامر شورو، سنڌ
17.10.2002

حمديہ غزل

خُدا جو نالو وٺندا رهو،
ڏُک نہ ڏيندوَ، سدا کو.

خدا جو ذِکرُ، ڪندا رَهو،
سَڀُ ڪجهہ، اُنهيءَ کان گھُرندا رَهو،

خالقِ اَڪبَرُ، ڏِني نہ پَچاري،
ڏاتارُ جو نالو، وٺندا رَهو.

مَخلوُقَ پيدا ڪَندڙُ، رزقُ رَسائي ٿو،
تَنِهن جو دِلِ سان شُڪرُ، اَدا ڪندا رَهو.

ناهِي مَٽِ ثاني "گُل" اُنهِيءَ جو ڪو،
رزاق جو نالو وٺندا رَهو.

●

نعتيہ غزل

خدا ڪائنات پيدا ڪَئي!
خدا پنهنجي مَحبوبَ مصطفيٰ جي صدقي،
خدا ڪائنات پيدا ڪئي.

عَرشُ، ڪُرشُ، روءِ زمين ۽ سَڀي سَنسارَ جي جوڙَ جَڪَ خدا بڻائي،
حُجت نہ آهي حَبيبَ سان، قادرُ قلُ شيءِ قَديرُ،
خدا ڪائنات پيدا ڪَئي.

اَللهَ ۽ سنت رَسُولَ جو مُنڪرُ مُشرڪُ ڪافر قرارُ ڏنل آهي،
خدا ۽ رسول جي پيروي لازمُ قرارُ آهي،
خدا ڪائنات پيدا ڪَئي.

نماز، روزا، زڪوات، حج بيت الله، قرآن ۽ سنت جي پيروي افضلَ اعليٰ
خدا جي اڳيان آهي،
الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو مَعبُودُ "ڳُلّ" نہ آهي، اِهو هِڪُ آهي، اُنَ جو شريڪُ نہ آهي،
خدا ڪائنات پيدا ڪئي.

نعتيہ غزل

مـــــنـــــهـــــنـــــجـــــو الله اُهــــوئــــي آ،
توهان جو الله اُهو ئي آ.

سِـــــجـــــدُو دَرِ اُنـــهـــيءَ ئـــي اڳـــيـــان،
منهنجو الله اُهو ئي آ.

الله کـانسـواءِ عـبـادت لائق، نـاهـي کـو بـيـو مَـعُـبـودُ
منهنجو الله اهو ئي آ.

ڪعبـة الله جـو طـوائف، شب روز جـاري رهـنـدو تـا قـيـامـت،
مخلوق جو رَزاق اُهو ئي آ.

نادار گُنهگارن بندن جون مِڙوئي خطائون ڪر معاف اي الله،
عاجز "گُلَ" جو نگهبان، الله اُهو ئي آ.

●

نعتيہ غزل

مَحبوبَ مُصطفيٰ جي مَت ثاني ناهيٰ ڪو ٻيو،
خدا جي ڪائنات ۾ خدا کي پيارو، ناهي ڪو ٻيو.

خدا جو رَسُولُ پنهنجي اُمتَ جو حامي مددگار ٿيندو،
شفاعَتَ ڪَرائيندو پنهنجي اُمتُين جي روزِ مَحشَرَ، ناهي ڪو ٻيو.

گُنهگارَ بندا غَفلتگذارَ آهن سندا،
بَخشَشِ ڪرائيندو مِڙوئي گُنُاهہ، گُنهگارِن بندن جا، ناهِي ڪو ٻيو.

ناهي طلب تات ٻِئي ڪائِي، صِرف بَخشش ملي،
معاف ڪرائيندو مِڙوئي گُنُاهہ، گُنهگارِن بندن جا، ناهِي ڪو ٻيو.

عدلين ڪِين چِتندا "گُلَ" گنهگار بندا گُناهن کان،
ڦيرو ڪِرائج ڪو فَضلُ جوگُنهگارن بندن کي بچائڻُ جو، ناهي ڪو ٻيو.

●

غزل

سَــــڙيءَ کــي سُــــورَن ۾ ســـــاڙي ويـــو،
جــــنيـــرا بُــکـبـيـــون، جـــلائــي ويـــو.

زخـــمــي جِـگـرُ ڳرائـي، تَـا ســـورُ پـرايـو،
زخـــمــن مـــان خُـــون ڳـــاڙائــي ويـــو.

روج راڙو، پـــلـــئـــوَ ۾ پـــائـــي،
کـــائــڻ پـيـــئــڻُ، وِســـاري ڇـــڏيـــو.

لُــوئـي ابـــاٽـي، کـيـئـن لچـــايـــان.
ســـاهَـڙَ سَـــڙيءَ کـــي، وســــاري ڇــــڏيـــو.

سُـــورنِ ســـان پـســـاهـ کـــٽـــان تـي ڏکـــيـــا،
سَـريـرَ مـان سـاھُ "گُلَ" سِـرکـنـدو وجـي ٿـو.

●

كارا كَكَرَ أپ تي، كَڙكَا كاهَہ تا كَنِ،
كِنوٽيون خوبَ كِلاٽي، ٽِڙكا ٽاهَہ تا كن.

بونِڊيون پِيري سان، هَيونُ پِيا ڦِرَن،
وقتي تا وَرِنَ، مَرِضي پتاندڙ وَسِكا پيا تا كَنِ.

پاٿي پاڻُ نهندي ڊَهَندي آكاش تي، لامارا پيا تا ڏين،
اَنُ مُدائتو پيا وَسَنُ، جَڏي گُمُرج نہ آهي جيكا سا لوكَنِ.

الله مينگهہ مَلهارَ كا مُندَ تي وَسِكارَ كرايو،
ضرورتَ جَڏي جَگَ كي وَسِكارَن جي آسَ لڳايون پيا تا كُوكَنِ.

مينگهہ مَلهارَ جي ”گُلَ“ كائي كُڙكَ نتي پَوي،
جَڏي رَبُ گهُري، شل مينهن وَسائي مُند تي، پنهنجي باجهہ كري، كَڙكا
كاهہ سان.

●

•

سنگھارن سَنڙيءَ کي، سانگين کين سُجاتو،
شال پَھرائي سَنڙيءَ کي، ڪيچين کين سُجاتو.

پَنلَ پَلاٿي رات چَڊي وَيا، مُونکي ڪُنڙڪَ نه پئي،
پاروچَن پِيائي ڪَٿي، سَگَ کين سُجاتو.

رَتُ رُوئِين تيسيون اکيون، کُوڙ ڏھاڙي،
ڪَھڙا ڏوراپا ڏِيان ڏِيرَن کي، جِنَ سگَ کين سُجاتو.

بِرھَ باھ باري، نند نيڻَن جي وِجرائي،
مَرمَ ۾ مُئي مَري پَئي، مونکي ساھَڙ کين سُجاتو.

فُرقَتَ غَم مُئيءَ کي وِلوڙي، ماندو کيو،
قُربَ جي ڪَڙيءَ ۾ بَڌَل کي "گُلَ" جي قُربَن کين سُجاتو.

•

●

ڇَپَرُ ڇِني ڇُوريءَ کان، لُوئي لَڇائِي ويو،
سيءَ سَرِڙيو ساهہُ، تَپِش تابناڪُ مونکي ڪيو.

نانگا نينهن نچائي ويا، نِهتيءَ کي نِهوڙي،
پَلرَ پلائِيني هتانِ هوتُ لنگهي ويو.

ڏِيبُ ڏُکنِ جو ڏئي وَيو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پَئي،
شِبِ روزُ وِيهي، مون اکين تي ڪاٽيو.

چرچُو چُوبُول چوڏاري؛ لُوڪنِ وائي وات،
ڇَپَرُ ڇِڳرُ ڇوريءَ کان، ڇُوهہَ ڇنڊيُ هَرِڪو.

ڏُوهہَ ڪري وَيا ڏوهِي، پُنهون نيون پاڻ سان،
ڏُکون پئي ڏوڙي "گُلَ" ڳولهي ساهَڙُ سَڙي پنهنجو.

●

●

سَنگت ڇنِي ڇوريءَ کان سِيسرَ ڏئي ويو،
سُورَن سيجَ وِڇاري، مُنهن تي موڙ سَجائي ويو.

سَڙيءَ کي رَقابتَ جي کُڙڪَ نہ پئي،
صُحبتَ ۾ ساهہ سوگهُو ڪري، سِيکتَ ڏئي ويو.

دَردَ پيري دانهن، دلِ کي جهوري ٿي،
بِرهَ جي باهہ پَڙڪائي، سَڙيءَ کي ساڙي پچرائي ويو.

روڳ لڳرائي، ويراڳُ پرايو مون.
مون کي ڏيهہَ ۾ ڏِنو ڪري، خوارُ ڪري ويو.

سورَ پرايا دل ۾ سانديي، جيءُ پَروڻَ ڪرايو،
فَرِقتَ غَم ۾ ”گُلَ“ گرفتارُ ڪري خاڪبسر ڪري ويو.

●

رِهون رَڙيون ڪندي، وڙندي وتان ٿي،
روئيندي رَتُ ڦڙا، واهه وَهايان ٿي.

پِيرَ پُنهَلَ جا، ڳَنيون پَئي آچان ٿي،
هوا لَتيا پيرَ پنهونءَ جا، ڪري جاڙَ جَڏيءَ سان ٿي.

پِيرَ پَهَڻَ پِٽُون ڪيا، لَڪَ لَتاڙي،
ڪَهڙو دُوش ڪنهن تي ڏيان، ڪَرمَن ڪئي مون سان بيائي.

دَردَ پريو داستان، سانديو دِل ۾،
ڪيچِي قافِلو ڪُوچ ڪري ويا، مونکي ڪُڙڪَ ڪانهِ پَئي.

دُعا ڪيَو جِيڏيون دلگيرَ ڪي، مالِڪُ مِهَرَ ڪري،
شل رَبُ راضي ٿِئي، ”گُلَ“ مون سان پنهون مِلائي.

•

•

رات رَهائي سيٽن کي، مَندي پاڻ سان پاڻ ڪئي،
ننڊ نياڳيءَ ڪان مونکي سُجاڳي نہ ٿي، پاڻ سان پاڻ ڪئي.

ڪَنيي پُنهونءَ کي ڪِٿي ويا، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
کھڙا پاراتا مان ڏيرن کي ڏيان، پاڻ سان پاڻ ڪئي.

دِل جو دردُ ڳَاري ٿو، بُڪيون ۾ جيرا،
بِرهہ جي باهہ جِسمُ پچرائي پئي، پاڻ سان پاڻ ڪَئي.

شب روز رڙندي وتان ٿي، ڪنهن کي دانهن ڏِيان،
سُورن مونکي سُک سِمُهڻ نہ ڏنو، پاڻ سان پاڻ ڪئي.

فُرقت غَم مُئيءَ کي جھوري ڪندا ڪيو،
واقف نہ آهيان "گُلَ" وات جي کھڙو قِبلو ونان، پاڻ سان پاڻ ڪئي.

•

●

عشق اَرڙي ڪان پاڻُ ڦا سِرائي، خاڪبَسرُ ڪرايو،
عشق جي آزارَ ۾ پاڻ رنجرائي، دَربدَرِ ڪرايو.

دِل کي دَردَ لڳڻ جي مونکي ڪَٿِڪَ نہ پئي،
محبت ۾ ماندو ڪرائي، بيقرار ڪرايو.

دِل جو درد جڳائي، پِيَرَ مَتي ويو،
دِل جو دردُ سِنجرائي، آشڪبارُ ڪرايو.

پيارُ تہ منهنجي پَلڻَ جو نہ آهي،
سُورن ساھُ سَڙيءَ جو سوڳهو ڪري، غمگسار ڪرايو.

سورَنِ سيجَ وِهاري، موڙَ پڏي ويو "گلَ" منهن تي،
فَرقتَ غَمَ ۾ گرفتار ڪرائي، سَنگسار ڪرايو.

●

●

تيسرَ نظر جا وارَ وَسائي، دِل چَلني ڪري ويو،
پُنهلَ ڙات مون ڪان رُسي ويو.

دل ۾ درد جڳائي، مون کي گرفتار ڪري ويو،
دِل جو سورَ سِنجرائي، مون ڪان پاسو ڪري ويو.

پُنهلَ جي رُسامي جِي، مونکي ڪَڙڪَ نہ پئي،
پياري پُڙي پيار جي، مونکان پاسو ڪري ويو.

روحُ ڪَنهن سان، رِيجهڻَ جو نہ آهي،
پُنهل اَلاجي ڇو، مونکي ڇَڏي ويو.

پنهنجا حالَ ڪالَ وِجائي، شب روز رڙان ٿي،
پُنهلَ فُرقتَ غم ۾ "گُلَ" گرفتار ڪري، خاڪبَسرَ ڪري ويو.

●

•

دلِ جي ٻي تمنا ڪونهي، فقط تنهنجو ديدارُ ملي،
تُنهنجي سُهڻي صورت تي نظر پوڻ سان، دل کي تو قرار ملي.

پيارُ رَچائي ديسُ ڇڏي ويو، مونکي ڪُڙڪَ نه پئي،
رت روئڻ تيون اکڙيون کوڙ ڏهاڙي، تنهنجو ديدار ملي.

مَنَ ۾ اُڻَ تُڻُ رَهي ٿي، فقط تنهنجي ديدار جي،
دلِ پريشان رَهي ٿي، فقط تنهنجو پيارُ ملي.

مَنَ ۾ مُحبت جي جوت جلائي، واٽون تو نهاريان،
قُربَ جي ڪُنلَ کي، فقط تنهنجو اظهار ملي.

دل ۾ دردُ سانڍي، آشڪ بارُ گُذاريان ٿو،
بِيدَردُ دُنيا ۾ "گُلَ" کي فقط قرار ملي.

•

●

عشقَ تہ آڙاھہ پاريو اندر، دلِ ۾ باھہ تي پَڙڪي،
مَعشوقُ تہ تيرَ اندازيءَ کان مُڙي نَٿو، باھہ اندر تي پَڙڪي.

مُحبتَ جي مَشعل جَلائي ويو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
آڳ اندر جي رُڪجي نٿي، جسم جلائي تِڙڪائي ٿي.

لوڪ ليارِيءَ جي پرواھہ ڪونھي، منلُ ڪو پرچي،
جِگرُ زخمائي پَروڻُ ڪرايو، زخم ٿو ڪري ڪَڙهي.

سورَ پرايا دل ۾ سانديي، روئندي وقت گذاريان ٿي،
پيارُ تہ منھنجي پلڻ جو نہ آهي، دلِ تي ڦڙڪي.

روئندي ساري رات بِسترُ پنايان ٿي، "گُلَ" دلِ تان نٿو لهي،
ڏَڙُ گردَن کان ڇو نہ ڏارَ ڪري ٿو، ايذاءَ ڏئي پيو تڙپائي مُونکي.

●

●

دل جو سبور سَجڻُ ويو وڏي، سِڪَ سُمهڻُ نٿي ڏي،
پنهنجا پورَ ڪيئن پِليان، تنهنجي ياد دِل تان نٿي لَهي.

سور تہ مِڙوئي سورَ پر سورن مونکي سِڪ سمهڻ نہ ڏنو.
تُنهنجي ياد جِند چِڏي نِٿي، پاڻ کي پَئي پَتي کُوهي ٿي.

دِل جو دَردُ اُپياري، دِيسُ ڇڏي ويو، مون کي کُڙڪَ نہ پئي،
دل ۾ رحم تہ ڪنهن کي رتيءَ جو نہ آهي، روئداد مُئيءَ جوکو اچي ڏِسي.

محبت من ۾ مَچُ مچايو، مهمان نٿو سَرچي،
سورَ سِبرَ سان ويا لڳي، دِل نٿي پرچي.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پرايو،
محبت سڙيءَ جو ساهُ سُڪايو "گُلَ" سهڻلَ جي ياد دل کي سَٽي ٿي.

●

●

بـي مُـروتَ بـي وفـا سـان پـيـار كـري مـون پَڇـتـايـو آ،
بـي قُـرب كـان قـيـد كـرائـي، خـوار كـرائـي مـون پڇـتـايـو آ.

دل جـو سُـور سـنجـرائـي، سُـكَ وِڃـرايـو، مـونـكـي كُـڙكَ نہ پئـي،
بي دردُ دنـيـا مـونـكـي درد ڏنو، خـاكـبَسـرَ كـرائـي مـون پڇـتـايـو آ.

رُوح رِهـنـاڻ وئـي ڇَـڏائـي، ڏُولـسن ڏاڍُ كـيـو،
كـنهن جي ياد ۾ جهُرندي رهان ٿي، سِرَتي جَبَرُ سَهِي مون پڇتايو آ.

نـاشـنـاس سـان پـانـدُ اٽـكـائـي، سـورَ سِـرَ سـان سـانـديـان،
سـيـنـڌ سُـرمـون ويـو ڇـڏائـي، غـمـگـسـارُ كـرائـي مـون پڇـتـايـو آ.

فُـرقـتَ غَـم ۾ شِـبِ روز "گُـلَ" جـا ڏيـنـهـن گُـذرَن ٿـا،
سِـرُ سـولـيءَ كـرائـي، مـون بـيـقـرارُ كـرايـو آ.

●

•

اُڪ جي اَٿيءَ سان تاج تخت وِڃرائي، گداگر بَڻيو،
روڳُ لڳرائي، وِيراڳُ پِرائي، گداگر بڻيو.

باب ۾ جو بڻيلَ هو، اُنهيءَ جي مونکي ڪُڙِڪَ نہ پئي،
ياڳُ بختُ مال متاع وِڃرائي، گداگر بڻيو.

دَرَ تي وڃي، صدا سٽن هَڻي ٿو، ديدار خاطر،
مالَ مَڏيون وينو وڃرائي، گداگر بڻيو.

سورنَ سيجَ وهاري، سُک وڃرايو،
سونهن سُرهائي سڀ وڃرائي، گداگر بڻيو.

دردَ پيري دانهن، دلِ ڪي جمهوري ٿي،
تاجُ تَختُ، سَلطنَتَ وڃرائي ”گُلُ“ گداگر بڻيو.

•

●

راڄ ڀاڳ وارا ڇو تو مون مسڪين سان اکڙيون ملائين،
مالَ مَتاعُ وارا، ڇو تو مون مسڪين سان اکڙيون مِلائين.

تُنهنجي دِل لڳيءَ جي مونکي ڪڙڪَ ته پئي،
تاج تخت وارا ڇو تو مون مسڪين سان اکڙيون ملائين.

دِل جي دردَ، وِڌو مونکي وِلوڙي،
سُکَ ڀاڳَ وارا، ڇو تو مون مسڪين سان اکڙيون ملائين.

نِينهن نوبتَ سَهڻَ جي مون ۾ طاقت نه رهي،
سونهن سُرهاڻ وارا، ڇو تو مون مسڪين سان اکڙيون ملائين.

روحَ رِهاڻ وئي وسري، سُورنَ جي وَرِ چڙهڻَ سنان،
عطرَ ڦليلَ ويندءِ سڀ "گُلَ" وِسري، ڇوتو مون مسڪين سان اکڙيون ملائين.

●

●

دَرَ تي منگتو.سَئنَ هٿَي دانُ گهُري تو، پرين پيارُ ملي، پيار ملي،
درَتي گداگر صدا بُلند ڪري، بِيڪَ گهري تو،
پرين پيارُ ملِي، پيار ملي.

دِل جي دردِ ديوانو ڪيو، مونکي ڪَٿِڪَ نہ پئي،
درَ تي سِائلُ صِدا بُلند ڪري، خيرات گهري تو،
پرين پيارُ ملي، پيار ملي.

دل جي درد نہ سوڙي، نہ ستو ڪيو،
در تي پينار صدا بُلند ڪري سخا گهُري تو،
پرين پيار ملي، پيار ملي.

دان ٿئو گهرُجي اَئي لَٽي جو، پرين پيار ملي،
درَ تي بڪاري صدا بلند ڪري بِيڪَ گهُري تو،
پرين پيارُ ملي، پيار ملي.

بنا نقابَ جي اَچي خيرُ هَٿَ سان ڏِئي، پئي جي هٿ جو نہ گهرُجي،
درَ تي درويشُ صَدا بلند ڪري، پياسَ اُجهائڻ "گلُ" اچي تو،
پرين پيارُ ملي، پيار ملي.

●

●

باب ۾ اهو بڻيل هو، قسمت جي ڳالهه آهي،
آرامُ وِڃرائي، ويراڳ پرايو، قسمت جي ڳالهه آهي.

انگ اَزلين اڙيل هو، مونکي ڪُنڊِڪَ نه پئي،
سورَ سَختيون وَيا سِرَ سان لَڳي، قسمت جي ڳالهه آهي.

رتبو مَرتبو، ويا مِليا مِيٽُ تي. هڪ نظر ملڻ سان،
سُورَن سيج وِهاريو، قسمت جي ڳالهه آهي.

لکيو منجهه نراڙَ، قلم ڪَياڙِيءَ نه وَهي،
ڏَکيو سُکيو مورَ نه ٿئي، قسمت جي ڳالهه آهي.

سنورن سَهڻَ جي جِسم ۾ طاقت نه رهي،
فرقتَ غَم ۾ شبِ روز "گلَ" گذاريان ٿي، قسمت جي ڳالهه آهي.

●

•

تُنهنجي درشن جو پياسي آهيان، پرين ديدار ملي،
تُنهنجي صورت ڏسڻ کان ڪوشان آهيان، پرين ديدار ملي.

تُنهنجي در تي اچڻ جي مونکي ڪُنڊِڪَ نہ پئي،
تُنهنجي مورتَ ڏسڻ لاءِ سِڪايل آهيان، پرين ديدار ملي.

دِل جو دردُ وِڳهرندو رهي ٿو، ننڊَ نيڻن کان وئي ڇڏائي،
تُنهنجي شِڪلُ ڏسِڻ لاءِ سِڪايلُ آهيان، پرين ديدار ملي.

تُنهنجي پيارَ جو پياسي آهيان ڏُکَ ٿو ڏوريان،
تُنهنجي جَلوي پَسَڻَ لاءِ حيران آهيان، پرين ديدار مِلي.

سورِن سِيجَ وِهاري، موڙَ پَڏائون مَنهنَ تي،
تُنهنجي شباب جي جهلڪَ پَسَڻَ لاءِ "گل" ڪوشان آهي، پرين ديدار ملي.

•

•

سهڻا توکي پنهنجي صورت تي ناز آ،
سهڻا پيا بہ آهن گهڻا، پنهنجي سونهن تي اُنهن کي ايترو نہ ناز آ.

دلِ قبا سائين پٺي جي، غرور ڪرڻ اُجايو آ،
توکي پنهنجي حُسنَ تي، پٺي کان وڌيڪ نازُ آ.

تُنهنجي سهڻيءَ صورت جي هاڪَ جي مونکي ڪُڙِڪَ نہ هئي،
گُلَ گُلاب ايترو نازان نہ آهي، جيترو توکي پنهنجي حُسن تي ناز آ.

تُنهنجي حُسن جي شبابَ تي نظر پوڻ سان دلِ ڪافور ٿيو پوي،
جَلوي حُسنَ جي پَسائڻ لاءِ، توکي ايترو ڇو ناز آ.

پَتنگ جَليو وَڃن، جَلوي حُسنَ جي "گُلَ" تابَ کان،
سهڻا پنهنجي شوخيءَ کي جهل تونِ، اجايو بيبقا صورت تي توکي نازُ آ.

•

●

چوڏهينءَ رات چَنڊ جي، حَسِينہ آئي گلشن ۾ ٽهلڻ جي بهاني،
پَلڪون هِليون نظرون مليون، دل وئي هَٿن کان نڪري ٽهلڻ جي بهاني.

گُلشن ۾ حسينہ سان ملاقات ٿي اوچتو، مونکي ڪُڙڪَ تہ پئي،
دل جو دَردُ پرايو حسينہ کان اوچتو، گُلشن ۾ ٽهلڻ جي بهاني.

دِل جو درد پرائي، ننڊ نيڻن جي گنوائي مون،
دل جو سورُ سِنجرڻ لڳو، دِل زخمائي حسينہ کان ٽهلڻ جي بهاني.

روڳ لڳرائي، ويراڳ، پرايو مون،
دِل جي زخمن مان خون ڳڙڻ لڳو، دِل گهائرائي حسينہ کان ٽهلڻ جي بهاني.

دردَ پري دانهن، دل کي جهوري ٿي،
فُرقتَ غم ۾ "گلَ" بيِ تاب گذاري ٿو، دِل ڦرائي وينو حسينہ کان گلشن ۾
ٽهلڻ جي بهاني.

●

●

سورَنِ چوريءَ چنيءَ ڪي، سڪ سُمهڻُ نہ ڏنو،
هار سينگار ويا وسري، سورَنِ اُسرڻُ نہ ڏنو.

جوڀن جواني، اَجيرَن ڪرائي،
سُڪيو ٽُڪر سَڙيءَ ڪي، سورن کائڻ نہ ڏنو.

پالو جو پيو سورن سان پَيڊٽن ڪان،
پَلرَ پلاٽي ويا پِرِيات جو، نِنڊ نياڳيءَ اُٿڻ نہ ڏنو.

سُرتِ سارَ نہ لڌي سَرتين سَڙيءَ جي، وئي ويلَ ٽَري،
سُڌڪنِدي سفرُ شروع ڪيو، سورن ساهہ پَٽڻُ نہ ڏنو.

پينر پَهٿن پَٽون ڪيا، ”گلّ“ لَڪَ لَتاڙي،
تَنَ تي ڪپڙا ليڙون ليڙ ڪرايا، گماتين گهُمڻَ نہ ڏنو.

●

•

چنڊا تُنهنجي چانڊنيءَ ۾ دل ڦرائي ويٺس،
مونکي ڪَلَ نہ پيئي ڪائي، دل ڏَڪرائي ويٺس.

چانڊني رات چنڊ جي، دل کي دردَ ميلو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
بي تابُ ٿي ڦرنديِ رهيس، دل زخمن کان چُور ڪرائي ويٺس.

سونهن ۾ سَرسُ سهٽا پيا بہ آهن گهٽا،
توکان هَٿڙَ سان، دلِ مسان هارائي ويٺس.

دلِ جو درد دل ۾ سانديي، مَرضُ پرايو،
چنڊا تُنهنجي چانڊنيءَ ۾، مان پنهنجي دل زخمائي ويٺس.

فُرقت غم شبِ روز "گلَ" کي بيقرار ڪيو،
چنڊا تنهنجي چانڊني رات ۾، پاڻ آزرائي ويٺس.

•

•

چوريءَ چنيءَ کي ، سورن سازي چڏيو،
جيرا ٻُڪيون جَلائي، جسم ڪاڙهي چڏيو.

سورن جو سماچار، سَماج کان مليو،
سورن سِرير کي ، اُجاڙي چڏيو.

نينهن نبيرو، ڪهڙو ڪنهن سان ڪجي،
سهارو چني چوريءَ کان، پاڙ پاڙي ويو.

وياسي سي چتبا ، وري شلَ ورَ ورن،
سور سُنجرائي دل جو، نير ڳاڙائي ويو.

ڏاج ڏکن جو ڏئي، ويراڳ ڏِئي ويو.
چرچي چوپولي ”گلَ“ ويتر سڙيءَ کي سورن سازي چڏيو.

•

●

روح نـــ تـــو ريـــجـــهـــي،
مـــن تـــو مُـــنـــجـــهـــي.

تـــن تَـــنـــهـــا ، دل جـــي ســـاگـــر ۾،
لَـــهِـــرُن ۾ تـــو لـــڙهـــي.

ســـورن ســـيـــز پَـــهـــچـــايـــو،
ڪُـــنـــن ۾، تـــو ڪَـــڙهـــي.

وَيـــرن وَرِ ڪَـــري،
تُـــرهـــو تـــو ڪَـــڍي.

لـــوڙهـــہ لُـــڙهـــنـــدو رهـــيـــو،
ڪَنڌِي ڪِنارو "گلّ" نہ تو سُجهي.

●

تنهنجي لال لال لبن تي مُرڪَ، سپنديءَ رتڙن هٿڙن،
منهنجو من موهي ماندو ڪيو،
تنهنجي لعلَ گلابي پهريلَ لٽڙن، سونهن پري چهري،
منهنجو من موهي ماندوُ ڪيو.

دل ڦرائي، دردَ پرايو، سونڪي ڳُڙِڪَ نہ پئي،
تنهنجي لچڪيدار چَهي جهڙي چيلهہ، نازَ پري تورَ،
منهنجو من موهي ماندو ڪيو.

محبت جو منڊ هٽي، دِل تي قبضو ڪيو ٿي،
تنهنجي حُسنَ شبابَ تي جهلڪَ پوڻ سان، مان من موهي ماندو ڪرايو.

سورنِ سيج وهاري، سوڙ سَجايا مُنهن تي،
نورَ نظرَ جي ديدار لاءِ، ڏڪڙن تي ويهي واجهائيندي مون ماندو ڪرايو.

ڏرد پري دانهن، دل ڪي جهوري ٿي،
فرقت غم ۾، شب روز گذاريندي ”گلَ“ ماندو ڪرايو.

●

تو کنهن جي بدلي ۾، پاڙُ پاڙيو،
مونکي قُربِ ۾ کُهي کَبابُ ڪري، ساڙُ پاڙيو.

قسمت ڪئي پيائي، ڪنهن تي ميارَ نہ آهي،
محبت ۾ ماري، مُردو ڪري، ساڙ پاڙيو.

مَرمَ جني ماريءَ ڪي، کُڙڪَ نہ پئي،
مونسان مُنهن مقابل تي ڳالهائي نٿو، ساڙ سَڙيو،

دل جو درد وڌندو رهي ٿو، ڳهجي نٿو،
مونکي سورن ۾ سَڙائي، پاڙُ پاڙيو.

دل جو درد دُکندو رهي ٿو، فقط رهائي ملي،
سورَ "گلَ" جئي سِرَ سان ويا لڳي، مارائي ناڙ ڪرايو.

●

•

دردن آکيرو جوڙي، واهيرو کيو دل جي اندر،
محبتَ جو مَنڊُ هٽي، لوڙائي وئين درد دل جي اندر.

دل کيٰ درد لڳو، مونکي کُڙِکَ نہ پئي،
مونکي گرفتار ڪري، بيحال ڪيو تي، درد دل جي اندر.

سور سنائيندي، دِل پروڻ ڪرائي،
ناتو جوڙي بيقرار رکيو تي، درد دِل جي اندر.

قربَ جي ڪاتي وَهائي، کَبابُ ڪيو تي،
پيارَجو پلانڊُ چِڏائي، مريضُ ڪيو تي، درد دلجي اندر.

وِچوڙو پَل جو، ورهيہ تو پايان،
فرقت غم ۾ ”گلَ“ بي آرام ڪرايو، دردَ دل جي اندر.

•

جنهن اڱڻ تي نند پڻ ڪيڏندي گذاريو،
اُهو برسيل اڱڻ، ويران ٿي ويو.

اباڻي گھر جي ياد ستائي ٿي،
اُهو چمچٽو اڱڻ جو سنسان ٿي ويو.

رونق وڻن جي اڱڻ تي، ڪجھ برقرار آهي،
پرواز پکيئڙن جو گھٽجي ويو.

سونهن ساوڪ گھٽ ٿي ڏسجي،
اباڻو گھر ڦٽي ويو.

وير روئان ٿو نير، وڏڙن جي جُدائيءَ تي،
گلشن پراڻو "گلّ" جو اُجڙي وئو.

ريهون رڙيون ڪندي، ڊوڙندي وتان تي،
روئندي رت ڦڙا، واهه وهايان تي.

پير پنهل جا ڪنيون پئي اچان تي،
هوا لٿيا پير پنهونءَ جا، ڪري جاڙ جڏيءَ سان تي.

پيرِ پهڻن پٿون ڪيا، لَڪَ لتاڙيَ،
دوش ڪهڙو ڪنهن تي ڏيان، ڪرمن ڪئي مون سان بيائي.

درد پريو داستان، سانديو دل ۾،
ڪيچي قافلو ڪوچ ڪري ويا، مونکي ڪُڙڪ نه پئي.

ڏعا ڪريو ڏلگير ڪي، مالڪ مهر ڪري،
شل رب راضي ٿئي "گُلَ" مون سان پنهون ملائي.

●

دل جو دردِ ولوڙي، سَڙيلَ جيءَ کي ٿو ساڙي،
دِل جو دردَ اُياري، پڙڪَيلَ باهہ کي ٿو پَڙڪائي.

ڪاڻِ ڪَرمن جي، پِيو ڪير لوڙيندو،
سورَ سَريرَ کي سَرِڙي پيو ٿو ساڙي.

دردَنِ ڏيرو ڄمائي، وَهمَنِ واهيرو ڪيو دلِ ۾،
دل جو سور سَلي ٿو، ماسُ رڳون روڙي.

ماڳ مَٿي ويو، مونکي ڪُٽڙِڪَ نہ پئي،
رَت نہ رَهي جِسمَ ۾، ماسُ ويو سَڙي.

سورن جو سماچارُ، ڪِينَ سانديان دلِ ۾،
مونکان مُنهنُ مَٽي ويو "گُلَ" دل جو سِنجريل سور ٿو ساڙي.

●

•

گُلڙا گهُمن تا گُلشن ۾، ٿَهلِڻ جي بهانئي،
گُلڙا ڳارِن تا دل کي، گُلشنَ ۾، ٿَهلڻ جي بهاني.

گُلڙن جي گُلشن ۾، ٿَهلڻَ جي مونکي ڪُڙڪَ نہ هئي،
گُلڙن تي نظر پوڻ سان؛ دل جو درد دُکڻ لڳو، گُلشن ۾، ٿَهلِڻَ جي بهاني.

گُلڙن گهُمڻ سان گلشن ۾، منهنجي دِلڙي نري تي،
روڳ لڳرائي، ويرا ڳ پرايو، گُلشن ۾، ٿَهلڻ جي بهاني.

نُورَ نظرن جو نظارو، دلِ نثاري تو،
دلَ جو دردُ مليو گُلڙن کان، گُلشن ۾، ٿَهلِڻ جي بهاني.

گُلشن ۾ بَهار اچي تو، "گُلَ" گُلڙن جي ٿهلڻ سان،
گُلڙن جي نظاري، دل کي مَخمور ڪيو گُلشن ۾، ٿَهلڻَ جي بهاني.

•

•

ساڙي سوکَ کيو، سَريرَ کي سورن،
مَن ۾ مَچ ٻَري تو، باهہ پَڙڪائي سورن.

سُرتِ سارَ نہ رَهي جسم ۾، وِچرائي سورن،
کاڙهي ڪباب ڪيو، جيءَ کي سورن.

جِندُ جان جلائي، ڀڙڪَ باهہ نہ ٻاقي مون،
رَتُ ماسُ رِڳون روڙي، ڳاري ڪندا ڪيو مونکي سورن.

من ۾ محبت جي ڳجهي مِيخَ لڳائي ويو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي.
سِڪَ سُمهڻُ نہ ڏنو، باهہ ٻاري سورن.

فُرقتَ غَم ڏني، شب روز جاڳرايو سورن،
سماج سِيجَ وِڇائي وِهاريو "گُلَ" کي سورن.

•

•

دل جـــــو درد ، نـــــو گـــــهـــــتـــــجـــــي ،
جِـنـدُ نـــو چـــڏي، دَمُ تـــو گُـــهـــتـــجـــي.

پَلَ پَلَ پـلاٽـي ديسُ چـڏي ويـو، مــونـکـي ڪُـڙڪَ نـه پـئـي ،
دل کـي يـاد سـتـائـي ٿـي، درد نـو گـهـتـجـي.

پـيـار جـــو پـلانـد ويـو چـڏائـي ،
پـيـار نـو پـلـجـي، سـورُ نـو جـهـلـجـي.

غَروبُ ٿيڻ سان چراغ جَلن ٿا ، منهنجي گهر ڪاري اوندهه آهي ،
زخـمـي جـگـر پَـروڻ ڪـرايـو ، خـون تـو گـري.

مـنُ مـانـڊو مَـري ٿـو، سَـچـڻُ نـو سَـرچـي ،
دِل جـو درد اُپـرنـدو رهـي ٿـو، "گُـلَ" نا سـور تـو سِـنجـري.

•

عَشقُ آڙاهہ ٻاري، گهيرو تنگ ڪيو دل جو،
ماسُ رَتُ رڳون روڙي، وڪڙا ڪيو دل جو.

دلِ جي درد اُيرڻ جي، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
مُنئيءَ پاڻ مارائي، مَرضُ پرايو دل جو.

پورن ساهہ نہ پنڻ ڏنو، پوَن تا دل ۾ دَمَ دَمَ.
سُورنَ سيجَ وِهاي، ساهہ سوگهو ڪيو دل جو.

پيچ پائي پريڻ سان پاڙَ پٽرائي پنهنجي،
بِيمارُ ڪرائي مَرٽينگ ڪرايو، حالُ ڏسي اچي دل جو.

فُرقت غَم خون چوسي "گُلَ" جو هڏڙا ڪيا جِسَمَ جا،
سنگدل تِيراندازي ڪري، سنگسارُ ڪيو دل جو.

●

•

درد ملنيو دنيا اُجڙي، ڳيرو گلڙي جي صورت ڏسڻ کان سگهيس،
پيار ڇڳو پچار ملي ڳيرو گلڙي جي گفتار کان سڪيس.

دل جي درد دلگير ڪيو، دنيا داريءَ کان ڇڳس،
روح رنجائي راحت وڃائي، هار سينگار ڪرڻ کان سڪيس.

گهيري گهنير ۾، ترهو ڪيڏي ويو ڪُڙڪ نه پئي،
ڪارو ڳلا جو سرَ تي ڪنيون، سماج کان مان ڪين ڊنس.

نينڻ روئن تا رت ڦڙا، چرين کي چا مان سمجهايان،
سهڻل جي صورت ساڙي جسم ڀسم ڪيو، آگ سان جو ڪيڏي مان ويئس.

رت ماس رڳن مان "ڳُل" ويو سڙي، پنڱلي جسم سان تڳان تي،
سقراط جي سورن ۾ پساهه تي ڪٽي، دم تو بدن مان نکريس.

•

●

وجن تنا ويراڳي، پنهنجي وطن تي،
خدا ڄاڻي، وري ڪڏهن ورن وطن تي.

وڇوڙو تن جو، مونکي تو ماري،
شل جُڙيا جيئرا رهن، پنهنجي وطن تي.

جَڏي جيءَ جي، ڪُڙڪ نه پئي،
دل تڙپي ٿي ملڻ لاءِ، اُنهن واسطي.

ڏُکن جو ڏيب مليو، سڙيءَ ڪي سورن جو،
وري جڏي ورايو ملن، خدا ڪري وطن تي.

فرقت غم منهنجو جيءُ جهوري جهنجهڻ ڪيو،
سورن سيجَ وِهاري، موڙ سجايا "گُلَ" جي منهن تي.

●

●

جـڏي جيءَ کني جـھـوري، ڪـري ويـو جـدائـي،
هـٿـي ڏاڙو دل جـــو، ڪـري ويـو پـيـــائـي.

مـــونـڪـي رقـــابـت جـي ڪُـــڙڪَ نـہ پـئـي،
مُـــٺـيءَ ڪـي مـــاري، ڏنـي ويــو رســـوائـي.

ســورن سِـيـجَ وِهـاري، مـوڙَ پڏي ويـو مُـنهـن تـي،
دل جـــو درد اُتـــاري، ڪـري ويـو پـســپـــائـي.

پــيــــارُ تـہ مـنـهـنـجـي پـلـڻ جـــو نـہ آهـــي،
ڏيـهـــــ ۾ ڏنـــو ڪـــري، ڏنـــي ويـــو خـــواري.

فـرقـت غـم "گُلَ" ڪـي جـھـوري جهـنجـهـڻ ڪـيـو،
محبت جو ڪوڙوڪيلُ رَچائي، پاڻ ويو ترِڪائي.

●

●

دل درد ۾ ليلائي تي، دل کي ڇا ڪجي،
دل درد ۾ پاڏائي تي، دل کي ڇا ڪجي.

دل ۾ درد اُڀرڻ جي، مسونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
دل درد ۾ تابناڪ ڪرائي، دل کي ڇا ڪجي.

مُرڪي نظر مبلائي، منهن مَتي ويو،
دل درد ۾ اذيتناڪ ڪرائي، دل ڪ ڇا ڪجي.

سورن سيجَ وِهاري، موڙَ بَڌي ويو منهن تي،
دل درد ۾ دردناڪ ڪرائي، دل کي ڇا ڪجي.

فرقت غم ۾ شب روز ”گُلَ“ گذاري تيو،
دل درد ۾ غمناڪ ڪرائي، دل کي ڇا ڪجي.

●

•

توسان مون، پيار ڪيو،
مونکي تو، بيقرار ڪيو.

تُنهنجي ياد ستائي ٿي،
مونکي تو، دلگير ڪيو.

تُنهنجي تصوير ذهن تي سدا رهي ٿي،
مونکي تو رُلائي، ظهير ڪيو.

تُنهنجي ناراضپي جي ڪُڙڪَ نہ پئي،
مونکي تو، اشڪبار ڪيو.

فرقت غم ۾ شب روز "گُلَ" گذاري ٿو،
مونکي تو، خاڪبَسرَ ڪيو.

•

●

دل ديواني، تڙپندي رهي ٿي،
دل ماندي، واتون واجهائيندي رهي ٿي.

تنهنجي ورڻ جي، مونکي ڪُڙڪَ نہ ڪائي،
دل نماڻي ڏُکندي رهي ٿي.

پيار تہ منهنجي پلڻ جو نہ آهي،
دل ويچاري توکي ياد ڪندي رهي ٿي.

ڏک ڏري، سُکُ وڃرايو،
دل مستاني ملاقات لاءِ، ماندي مَري ٿي.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پرايو،
فرقت غم ۾ "گُلَ" جي دل جهُري ٿي.

●

●

رِڪي رِڪي پلڪون ڪئي، نظرون ملائي، مئل ڪي ماري ٿي،
تير نظر جي وار وسڪار سان، دل تي زخم رسائي ٿي.

ڏوهه ڪهڙو ڏجي ڏُکايل تي،
در پڙدي دريءَ مان جهاتيون پائي، تير نظر جا وسائي ٿي.

ڏکايل کي ڏُکائي، سُڪي ٿي وينين،
عاجز جي صدا تي، ڌيان نہ ٿي ڌري.

آهہ زاريءَ جي پڪار تي، ڪو ڪهل نہ ٿو ڪري،
فراق جي ڦٽن تي، ويتر لوڻ ڇٽڪي ٿي.

ويڌن پاڻ سان پاڻ، مون ڪئي،
ڳليءَ مان گذرندي "گُلَ" دل پنهنجي زخمائي ٿي.

●

•

مونسان نظرون ملائي، تودل جوڙيءِ چو،
من ماندو كري، دل روڙيءِ چو.

نظرون ملڻ جيَ، مونكي ڪُڙڪَ نہ پئي،
اذيتون ڏئي، دل ڪاڙهيءِ چو.

پيار تہ منهنجي پلڻ جو نہ آهي،
دل جي تِينهن جو ناتو، پوڙيءِ چو.

اهڙي من ماني، مونسان ڇاجي ڪئي ٿي،
حُجت هلائي، دل لوڙهيءِ چو.

فرقت غم ۾ شب روز "گُلَ" گذاري تو،
بي مروت مونسان ناتو دل جو، ٿوڙيءِ چو.

•

●

چو تو تڙپائين، دل بيوَس جي،
دل آهي تُنهنجي وَس، بيوَس جي.

بي وس کي بيکس کري ڦٽو کري ويو، ڪُڙڪَ نه پئي.
دل تڙپائي اذيتناڪ ڪئي تي، دل بيوَس جي.

سورن سيجَ وِهاري، منهن مَٽي ويو.
دل جو سور سنجرائي، چو تو تڙپائين، دل بيوَس جي.

سائل بڻجي دل جو دانُ، توکان دَرِاُچي گهُري تو،
فرقت غم ۾ شب روز چو تو ڳارين، دل "گُلَ" بيوَس جي.

●

ظمير ڪرائي زندگي، هاٿي هٿ گذارڻ ڏکيو آ،
زهر ڪرائي زندگي، هاٿي هٿ گذارڻ ڏکيو آ.

پلئو پائي منهن تي، شب روز رڙان ٿو،
اجيرن ڪرائي زندگي، هاٿي هٿ گذارڻ ڏکيو آ.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پرايو، مونکي ڪُڙڪ نه پئي،
سور سِرَ سان وَيا لڳي، دل ڪان آزار ڇڏائڻ ڏکيو آ.

بي درد دُنيا جو دردوندن سان ڇا واسطو،
بي مهاڳ ماڻهن سان جو، پالو پيو، هاٿي هٿگذارڻ ڏکيو آ.

فرقت غمَ "گُلّ" جي زندگي اذيتناڪ ڪئي،
ميل محبت ماڻهن مان وئي ڇڏائي، هاٿي هٿ گذارڻ ڏکيو آ.

●

دل جو درد پرائي، دل ڪرائي، بي وس پنهنجي،
سور سر سان لڳرائي، دل ڪرائي، بي وس پنهنجي.

نور نظر ڪان دل ٿرائي، سونڪي ڪُڙڪ نه پئي،
پيار جو پلاند چڏرائي، دل ڪرائي، بي وس پنهنجي.

رت روئن تي يون اکڙيون، ڪوڙ ڏهاڙي،
محبت جو منڍ هٿائي، دل ڪرائي، بي وس پنهنجي.

سورن ساهه سوگهو ڪري، بي وس ڪيو،
ننڊ نيڻن ڪان ڦٽرائي، دل ڪرائي، بي وس پنهنجي.

سورن سيج وهاري، موڙ بڌائي ويو "گُل" جي منهن تي،
فرقت غم ۾ شب روز گذاري، دل تابناڪ ڪرائي، بي وس پنهنجي.

●

●

ڪنهن جو قصور ڪونهي، قسمت جي ڳالهہ آ،
بي قصورَ کي قصور وارُ بڻايو، قسمت جي ڳالهہ آ.

دل جو درد مليو بي درد کان، مونکي ڪُڙِڪَ نہ پئي،
پِئي جي ڪئي جو ڪير تو ڪِيتو پوڳي، قسمت جي ڳالهہ آ.

ننڊ نيڻن جي وئي ڇڏائي، ڇنا ڪجي،
سورَ سر سان ويا لڳي، قسمت جي ڳالهہ آ.

ڏُک ڏري، سُکُ ويو ڇرايو،
پيار جڳُ پلاند ويو ڇڏائي، قسمت جي ڳالهہ آ.

درد پيري دانهن، دل کي جهوري ٿي،
فرقت غم ”گُلَ“ کي ماندو ڪيو، قسمت جي ڳالهہ آ.

●

جنهن کي مان پنهنجو سمجهو، اُهو دل ڏکائي ويو،
جنهن کي مان نور نظر سمجهو، اُهو دل تڙپائي ويو.

دل جي سورَ سنجڻ جيَ، مرنڪي ڪُڙڪَ نه پئي،
جنهن کي مان ساه جو سينگار سمجهو، اُهو دل تڙڪائي ويو.

سور پرايا دل ۾ ساندي، غمناڪ ڪرايو،
جنهن کي مان حال محرم سمجهو، اُهو دل رنجائي ويو.

سورن سيج وڇاري، سُکيو ٿي وينو،
جنهن کي مان جان نثار سمجهو، اُهو دل ڪنبائي ويو.

ڏکن جو "گُلَ" کي ڏاج ڏئي، موڙ ٻڌائي ويو منهن تي،
جنهن کي مان منٺار سمجهو، اُهو دل ڏکائي ويو.

کوئي ڪنهن تي، ويساهه نه ڪري،
ويساهه ڪري، راز فِناش نه ڪري.

ڪنهن جي دل جي راز جي، مونکي ڪُڙِڪَ نه پئي،
ڪوئي ڪنهن جي پيار تي اعتبار نه ڪري.

ڏُک ڏري، سُک وڃرايو،
ڪوئي ڪنهن سان پاڙ نه پاڙي.

سورن سيجَ وِهاري، سکيو تي ويٺو،
ڪوئي ڪنهن تي، قياس نه ڪري.

فرقت غم ۾ "گُل" بي آرام ڪرايو،
قيناس ڪري پوءِ پَڇار نه ڪري.

•

هڪ ڳالهه تہ ٻڌ، منهن هيڏي ڪري،
مونکان چو وئين، تون جدائي ڪري.

مونسان ميلو ڪر، يار ڪٽي،
چڪ ساهه ڪي آهي، تُنهنجي گهٽي.

تنهنجي جدائيءَ جي، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
ڳٽين ۾ وڌوتي، مونکي ڪٽي.

دل ڏني درد پرايو مون،
سُڪُ سان وجهين وينين، مونکي چڏي.

فرقت غم ۾ ”گُل“ توکي ياد ڪيو،
دل جي درد ۾ پٽي آهي جهُري.

•

●

تُنهنجي ڳٽين، منهنجو جيءُ ڳاريو،
رت رڱون روڙائي، جيءُ جهوراپيو.

تُنهنجي جدائيءَ جي، مونکي ڪُڙڪِ نہ پئي،
تنهنجي وائي وات ورجائي، پئي جيءَ جهورايو.

طلبَ تاتِ آهي، تُنهنجي جيءُ کي گهٽي،
تنهنجي الفت ۾، پنهنجو جيءُ جهورايو.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پرايو،
دل جو درد اُياري، پنهنجو جيءُ جهورايو.

فرقت غم ۾ ”گُلَ“ توکي ياد ڪيو،
دل جو سور سِنجرائي، پنهنجو جيءُ سَڙايو.

●

•

وَلر ڪان وچڙي، دل پريشان گُذاري ٿي، ورهيہ گذريا،
ولر ڪان وچڙي، دل مايوس گُذاري ٿي، ورهيہ گذريا.

تنبد نيڻن ڪان وئي ڇڏائي، وقت جي رفتار سان،
سُک سُمهڻُ ويو ڇڏائي، ورهيہ گُذريا.

زينت زيب ويو، مونکان وسري،
سک ويو ڏکن ۾ بدلجي، ورهيہ گذريا.

من ماندو، روح رهي ٿو، پريشان هردم،
سورن سيجَ وهاري سر سان ڪفني پڏرائي، ورهيہ گذريا.

ڏک ڏري، جيءُ جهنجهڻ ڪرايو،
فرقت غم ۾ "گُلَ" جا ڏينهن گذرن ٿا، ورهيہ گذريا.

•

●

مون توتي پروسو ڪري پيار ڪيو،
تو دل تي چوٽ لڳائي، بيقرار ڪيو.

ڪيئن اکڙيون لڙائي، دل ڦري وئين،
واهه جو تو، مونتي وارُ ڪيو.

ڏوش ڪهڙو ڏيان، ٻئي ڪنهن تي،
نهتين نيڻن، اهڙو وهنوار ڪيو.

درد دل ۾ سانديي،
پاڻ ڪي مون، اشڪبار ڪيو.

سينڊ سُرمون، ويو مونکان ڇڏائجي،
دل جي درد ”گُلَ“ کي غمگسار ڪيو.

●

•

دل جـــو ڏِيـئـــو جـــلائـــي، انـدر اُجـــاريـو،
مَن ۾ مـشـعـل جـلائي، انـدر منـور ڪـرايـو.

سـورَ نـڳـا سِرَ سـان، مـونـکـي ڪُـڙڪ نـه پـئـي،
دل جـو درد پـرائـي. سـورَ انـدر سِـنجـرايـو.

ڏک ڏيـهـه ڪان مليا، پنهنجن به ڪين گهٽايو،
مَـن ۾ مَـچُ مَـچـرائـي، انـدر پـَچـرايـو.

سور پرايا دل ۾ سانيدي، جِگر پروڻ ڪرايو،
دل جو ڏيئو ويو اُجـهـامي، اندر ۾ اونـدهارو.

فـرقـت غـم ۾ "گُـل" تـوکـيِ يـاد ڪـيـو،
دل درد ۾ سِـبـلائـي، سـور انـدر اُپـرايـو.

•

ريهون رڙيون ڪندي، ڊوڙندي وتان ٿي،
روئيندي رت ڦڙا، واهه وهايان ٿي.

پير پُنهل جا، ڪنيون پئي اڇان ٿي،
هوا لڳيا پير پُنهونءَ جا، ڪري جاڙ جڏيءَ سان ٿي.

پير پٽ تي پٽ ڪيا، لڪ لتاڙي،
دوش ڪهڙو ڪنهن تي ڏيان، ڪرمن ڪئي مون سان بيائي.

درد پريو داستان، سان، سانڍيو دل ۾،
ڪيچي ڪافلو ڪوچ ڪري ويا، مونکي ڪُڙڪ نه پئي،

دعا ڪريو دلگير ڪي، مالڪ مهر ڪري،
شل رَبُ راضي ٿئي ”گُل“ مون سان پنهون ملائي.

●

دِل جو درد اُپرندو رهي ٿو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
دل جو سور سِنجرندو رهي ٿو، مونکي سُڌ نہ پئي.

وجود پنهنجو ڏِڪرايو، گمڙيءَ ۾ گمائرائي،
سورن جِنمُ سَرڙيو، ڪَلَ نہ پئي.

ساڻهہ سَريسَ مان، سُرڪندو وجي ٿو،
شلَ ڪُلهِي ڪانڌي من ٿي، مَڙهہ ڪجندي منهن نہ متي.

درد پري دانهن دل کي جهوري ٿي،
ڏُکايلَ کي ڏُکندو ڏِسي، واتين پَيُو نہ ڪُچي.

فرقت غم جيءَ وِڌو "گُل" جو جهوري،
دل جتي درد وڌو نهوڙي، پڙڪَ نہ پاڻي.

●

●

نازنين سان نظر ملي، گُذرندي ڳليءَ مان،
ٿَندي سان دل ٺُرائي، گُذرندي ڳليءَ مان.

هوش هوندي بي هوش ٿي ويس گهڙيءَ ۾،
دل جي راند هارائي، گُذرندي ڳليءَ مان.

تير اندازيءَ جو، هُنر هُيو هن کي،
کائي چوٽ دل تي، مغز ويو ڦري، گُذرندي ڳليءَ مان.

آئيو پتو نہ رهيو تير کهڙي طرف کان چُٽو،
مدهوش ٿي ويس، دل جي لرزش تي، گُذرندي ڳليءَ مان.

دل درد ۾ ماندي رهي، سور سنجهڻ سان،
اکڙين آب وهايو "گُلَ" دل جي درد اُيرڻ سان، گُذرندي ڳليءَ مان.

●

•

دل جو درد پرايو، رڙندو تو وتان،
محبوب جي منهن متڻ تي، ڪُوڪندو تو وتان.

ڪاسائيءَ ڪي ڪو قياس نہ آيو، ڪُنلَ ڪي پيو تو ڪُهي،
رنگيلَ ڪپڙا رَتَ جا، ڏِيکاريندو تو وتان.

قياسُ ڪونهي ڪنهن ڪي، دل جوئي ڪري پئي جي،
دل سَلائي پنهنجي، رت ڳاڙيندو تو وتان.

ڪِيسُ ڪيو اڪڙين، پاڻ ڪُهائي وينيون،
ڏاج ڏُڪن جو لوڪن، ڏيکاريندو تو وتان.

دَمر ڏَمڪين تي، ساهہ سرير مان وجي تو سُرڪندو،
دل ڏڪائيندي، ڪُڙڪِ نہ پئي "گل" ڪي، ڏڪندو تو وتاڻ.

•

●

مغز قريو منهنجو، منهن ماري كيان ٿي توسان،
دل ڦرائي پنهنجي ڏُکَ سليان ٿي توسان،

ڏيب ڏکن جو ڏئي، واهه جو چالَ چلي ٿي،
دل جي درد جو حال، ڪين ڪيان ٿي توسان.

ڏهني ڏُڏَ ڦُتڙي، ملي ڪا موتَ جي مونکي،
ڪاڏل چوٽ دل تي، ڪين سَليسان ٿي توسان.

ماري مُئيءَ کي، مونکان مُنهن متي ويو، کُڙڪَ نه پئي،
دل ڦرائي وينس، فريبَ سان، ڪين گلا ڪيان ٿي توسان.

شل موت مُئيءَ کي جلد متاري ڪو،
فرقت غم جي ڳالهه "گُلَ" ڪين ڪيان ٿي توسان.

●

•

دل جو ٻنڌڻ ٻئي سان جوڙي، مونکي آسري ۾ رهايو ٿي،
دل جي درد ۾ مائل ڪري، مونکي آسري ۾ رهايو ٿي.

ڪوڙو شوشو اُٿاري، پريت جي پَڪَ ڪرايئي ڇو،
دل فريب سان ڦري، مونکي آسري ۾ رهايو ٿي.

اقرار ڪري بيقرار ڪيو ٿي، واهه جو ڪيل ڪيڏيو ٿي،
دل جو درد ڏئي دربدر ڪيو ٿي، مونکي آسري ۾ رهايو ٿي.

تنهنجي چالَ چلت ۾ مونکي ڪُڙِڪَ نه پئي، ويئس ڦاٽ ڏُڪرائي؛
دل جي درد ۾ مبتلا ڪري، مونکي آسري ۾ رهايو ٿي.

نيت نه هيئي نياڻ جي ڇو پوءِ ڪيل ڪيڏين،
فرقت غم "گُلَ" کي ڏئي، ڇو آسري ۾ رهايو ٿي.

•

●

مُنهن ۾ ملوڪ، دل جو ڪوڙو تو ڏسجين،
دل فريب سان ڀري، مونکي ڦٽو ڪيو تي، ڪوڙو تو ڏسجين.

ڪوڙ ڪُپتَ سان، چال چَلين تو،
ڪوڙي چال چلي، دل جو درد ڏنو تي، ڪوڙو تو ڏسجين.

ڪوڙي ۽ ڪري جي، مونکي ڪُتڙڪَ نه پئي،
آسري ۾ رهائي، دل ڏکي تي، ڪوڙو تو ڏسجين.

روپ بدلائي بهروپ بڻائي، دل تي قبضو ڪيو تي،
سور سِنجرائي، دل جو درد اُپاريو تي، ڪوڙو تو ڏسجين.

دل جو درد ڏئي، نظرن کان ڏور رکيو تي،
فرقت غم ۾ ”گُلَ“ جا ڏينهن گذرن تا، ڪوڙو تو ڏسجين.

●

●

دل جي درد جو حال ڪنهن کي ڏيان، ڪوئي هجي،
دل جي سور سنجرڻ جو حال ڪنهن کي ڏيان، ڪوئي هجي.

دل جو سودو ڪري، سور سنجرائي ويو،
مان پنهنجي غمناڪ دل جو حال ڪنهن کي ڏيان، ڪوئي هجي.

دل فريب سنان ڦري، ڦتو ڪري ويو،
اهڙي اذيتناڪ دل جو حال ڪنهن کي ڏيان، ڪوئي هجي.

صعوبتون سهي، پڙڪ پاهر نه پاڦي مون،
اهڙي تابناڪ دل جو حال ڪنهن کي ڏيان، ڪوئي هجي.

دل ڏئي دردُ پرايو مون،
اهڙي دردناڪ دل جو حال "گلَ" ڪنهن ڏيان، ڪوئي هجي.

●

●

راڻو مونسان ريجهي نه ٿو، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان،
سياڻو مونسان سِرچي نٿو، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان.

سُهڻي جي صورت جا نقشَ ذهن تان لهن نٿا،
نماڻو مونسان پرچي نٿو، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان.

دل جو درد دل ۾ سانديئي، پڙڪَ ٻاهر نہ ٻاقي مون،
ڏَناڻو مونسان نَهي نٿو، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان.

سُهڻلَ جي رُسامي جي، مونکي کُڙڪَ نہ پئي،
اياڻو مونسان راضي نٿو ٿئي، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان.

فرقت غم ۾ شب روز "گُلَ" گذاري ٿو،
شاهاڻو مونسان مِلي نٿو، هاءِ ڇا ڪيان، مان ڇا ڪيان.

●

•

دل جو درد پرائي، پاڻ ڏکرايو مون،
دل جو سور سنجرائي، پاڻ ڏکرايو مون.

پرائي غم جي ڪنهن کي پرواهه آ،
محبت ۾ ماندو ڪرائي، پاڻ ڏکرايو مون.

دل جو درد وِگهرندو رهي تنو،
بي درد ڪان دل زخمائي، پاڻ ڏکرايو مون.

محبت ۾ مايوس ٿي، دلگير گذاريان ٿو،
دل درد ڪان سلائي، پاڻ ڏکرايو مون.

پيار جو پلاند "گُلَ" ڪان ڇڏائي ويو ڪُڙڪَ نه پئي،
برهه جي باهه ۾ بيوس بڻائي، پاڻ ڇڏايون ويو.

•

●

دل درد ۾ مـــانـدي كـرائـي، بـي وفــا كـــان،
دل درد ۾ سَـــلائـيِ، بـــي وفـــا كـــيان.

اكـيـڙيـون لـڙائـي تـنـدِ نـيـڻـن جـي ڦـڻـرائـي،
ڏل سـورن ۾ سـنـجـرائـي، بـي وفـا كـان.

بِرهـ جي باھـ ۾ پچرائي ويو، مونكي كُڙكَ نہ پئي،
قـنـيـد كـرائـي، بـانـدي بـڻـرايـو، بـي وفـا كـان.

صـعـوبـتـون سَـهـي، پِڙكَ پـاهـر نـہ پـاڦـي مـون،
ڏک ڏري، سـک وجـرايـو، بـني وفـا كـان.

فـرقـت غـم "گُـلَ" كـي جـهـوري جـهـنـجـهـڻ كـيـو،
جِـگـر زخـمـائـي خـون گـاڙايـو، بـي وفـا كـان.

●

●

چو تو تڙپائين، بي قصور کي بي وفا،
وفا جي بدلي، چو تو جفا ڪرين بي وفا.

تڙپندو رهان تو، جيئن مڇلي تڙپي بي آب جي،
دل جو درد آياري چو سور سنجرائي وئين بي وفا.

محبت جو من ۾ مچ مچرائي وئين، مونکي ڪُڙڪ نہ پئي،
چو تو دل درد ۾ پورائي، جگر زخمائين بي وفا.

من محبت جي ميخ جڙائي، مونکي ڪُڙڪ نہ پئي،
چو تو دل درد ۾ مبتلا ڪري، مَرٽينگ ڪرين بي وفا.

ڏوڪ ڏري، سڪ وڃرايو، تنهنجي پيار ۾،
فرقت غم ۾ چو "گُلَ" کي تون گرفتار ڪرايو بي وفا.

●

تير نظر جا وسڪار ڪري، دل زخمي ڪئي ٿي،
خون جگرَ مان وهرائي، خون جي هولي ڪيڏي ٿي.

دل جو سور سنجرائي، مرضَ ۾ مبتلا ڪيو ٿي،
دل جو درد اُياري. پنهنجي مَن جي مُراد پوري ڪئي ٿي.

ڏک ڏري، پنهنجو سڪ وڃرايو،
سورن سيجَ وِهاري، پنهنجي خوشي منائي ٿي.

برهه جي باهه پرڪائي، خوب پچرايو ٿي،
اکڙين مان شب روز نيرَ وهرائي، بصارت وڃرائي ٿي.

جسم جو ماس رڳون، روڙائي، پڃرو تاتيان ٿو،
دل جي درد ۾ "گُلَ" ڪي داخل ڪري، وطن ڇڏي ويو، ڪُڙڪَ نه پئي ڪائي.

●

صُحبت ڪري، ششدر ڪيو تنّ،
واهه جو مونسان نينهن نڀايو تي.

نظرون لڙائي، درد پرايو،
سُڪَ وڃرائي، ڏُک ڏنبو تي.

تُنهنجي واعدي تي اعتبار ڪنهڙو،
سور سنجرائي، خوب روئاريو تي.

محبت جو پرم، ڪُجهه ته رکين ها!
بي وفا دل ڏتاري، بيقرار ڪيو تي.

برهه جي باهه پڙڪائي، وطن ڇڏي ويو، ڪُڙڪَ نه پئي،
فرقت غم ۾ شب روز "گُلَ" گذاري ٿو، منهن نه ڪيو تي.

●

●

نازَ پٽرور َراهہ نہ بدلاءِ، روح ريجهائڻ ڏي،
راهہ ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪري، بهانو نہ بڻاءِ، روح ريجهائڻ ڏي.

محبت جي ماريءَ تي، ڪجهہ قياس تہ ڪر،
دل جو درد اُپاري سور سنجرائي، جان نہ ڇڏاءِ، روح ريجهائڻ ڏي.

صُحبت ڪري، سور پرايو مون،
دل جي ديواني جو آچي علاج ڪري وڃ، مُنهن نہ مٽاءِ، روح ريجهائڻ ڏي.

ڏک ڏري، سُک وڃرايو مون،
محبت جي متوالي ڪان ڪنڌ نہ ڪڍاءِ، روح ريجهائڻ ڏي.

پينار ۾ پَچاڙي ويو، مونکي ڪُتڙڪ نہ پئي،
فرقت غم ۾ ”گُلَ“ جو روح خفي رهي تو، راهہ نہ بدلاءِ، روح ريجهائڻ ڏي.

●

•

دل جي ديوانيءَ تي، رحم نه ڪيو تو،
بي حال ديواني جو، ڀرمُ نه رکيو تو.

سورَ ڀرايا دل ۾ سانديي، بي حال ڪرايو مون،
صُحبت ڪري دور رکيو تي، رحم نه ڪيو تو.

جبلَ جهاڳرائي، جاڙ ڪري ويو،
سوگهو ساه ڪري، بدلو چُڪايو تي، رحم نه ڪيو تو.

واعدو وفا نه ڪيو تو، ديس ڇڏي وئين، مونکي ڪُڙڪَ نه پئي،
اکڙيون لڙائي، سور سِنجرايو، رحم نه ڪيو تو.

پيار ته منهنجي پلئ جو نه آهي، ڪيئي حيلا هلايا،
تُنهنجي پيار ۾ ”گُلَ“ جو من پاڳل رهي تو، رحم نه ڪيو تو.

•

پيار ڪري مون پڇتايو، واهه جو يار پنهنجو پيلايو،
پيار ڪري سور پرايو، واهه جو يار پنهنجو پيلايو.

مُدتَ هئي يار ڪي دل ۾ سانديي،
دل جو درد اُپارِي، سور سِنجرايو، واهه جو يار پنهنجو پيلايو.

دُور ديس جِي پرديسي سان، ناحق ناتو جُوڙيو،
ناتو جوڙي، راهه فرار ٿيو، مونکي ڪُڙِڪَ نه پئي، واهه جو يار پنهنجو پيلايو.

رُتِ بدلي، موسم بدلي، مَوٽي نه آيو مَندَ ۾،
اکڙين آب وهرايو، مون وڇوڙو پرايو، واهه جو يار پنهنجو پيلايو.

دل جو ارمان دل ۾ سانيدي، بي تاب ڪرايو،
فرقت غم "گُلَ" کي ڪمزور ڪيئو، واهه جو يار پنهنجو پيلايو.

●

نظرون ملائي، دل لُٽي وئين،
چوريءَ چنيءَ کان، دل جو سڪون ڇني وئين.

دل جو سور سُلڳندو رهي ٿو،
نِهٽي نمائيءَ کي، نِهٽو ڪري وئين.

پيار تہ منهنجي پلڻ جو نہ آهي،
دل جي درد جي ماريءَ کي خاڪبسر ڪري وئين.

تيرَ نظر کان دل ڇلني ڪرائي،
رت روئاري، مونکي ڦِٽو ڪري وئين.

دل جو درد ڏئي، ديس ڇڏي ويو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
فرقت غم ۾ ”گُلَ“ کي گرفتار ڪري منهن مَٽي وئين.

●

●

واهـــ جـــي رانـــد رچـــــائـــي تـــي،
ڦـنـدي ســان دل ڦـا ســائـي، جـنـد چـذائـي تـي.

ڪـرڙ ڪُـپـت ڪـان ڪـم وني، ڪـمـزور تـي وار ڪـيـو تـي،
لـڪـي چـپـي، ڦـنـدي ســان دل ڦـاسـائـي تـي.

چُـپ چـاپ ســان نـاتـو جـوڙي، ڏوهـ ڪـيـو تـي،
ريـهـي ريـپـي، نـاتـو جـوڙي بَـربـادي آنـدي تـي.

ڏل فـريـب ســان ڦـرائـي، فـاڪـا ڪـشـي ڪـيـان تـي،
دل جـو درد اُيـاري، انـدر ۾ آنـڌ مـانـڌ رهـي تـي.

دل جو سور سنجرائي، پاڻ ڪسڪائي ويو، مونکي ڪُڙڪ نہ پئي،
دل ديـوانـي ”گُـلَ“ دل جـي درد ۾ پـورائـي ويـنـي.

●

•

دل جو شوق پورو ڪري، پاڻ سرڪائي وئين،
دل جو ذوق پورو ڪري، پاڻ کِسڪائي وئين.

نيڻن نياڻ جي نه هيئي مرضي، ڇو پوءِ ناتو جوڙيئي،
ڪوڙ ڪُپتَ سان کيل ڪيڏي، پاڻ تِڙڪائي وئين.

نور نظر ناتو جوڙي، پاڻ گسائي ويو، مونکي ڪُڙڪَ نه پئي،
دل جو درد اُياري، سور سِنجرائي، ڪنڊ کَڻائي وئين.

دل جو درد دل ۾ سانيڍي، غمناڪ ڪرايو،
روپ بدلائي، بهروپ بڻائي، پاڻ ڪَيرائي وئين.

ڪوڙ ڪُپتَ ۾ پاڻ کُهرائي، مون ڪباب ڪرايو،
مظلومَ ”گُلَ“ جي دلِ رنجائي، پاڻ تِرڪائي وئين.

•

•

صبح شام جا ڪجهہ پَهَرَ مونسان گڏ گذاريندا ڪيو،
مونسان روح رهاڻ اچي ڪندا ڪيو.

تُنهنجي ملڻ سان دل بهار رهي ٿي،
صبح شام جا ڪجهہ پَهَرَ مونسان گڏ گذاريندا ڪيو.

تُنهنجي نہ اچڻ تي، دل مايوس رهي ٿي،
من مُرجهايلَ دلَ جو روح ريجهائڻ ايندا ڪيو.

تنهنجي نہ اچڻ تي من منداندو، روح پريشان رهي ٿو،
پيرو نہ پَجي مونکان دور رهو، مونسان دل اچي وندرائيندا ڪيو.

تون جي نہ ايندين، مري جهٽ ويندس، توکي ڪُڙڪَ نہ پوندي،
من مرجهايل "گُلَ" جي مُکڙي، اچي کلائيندا ڪيو.

•

●

رهو رات تہ دل جي درد جو داستان، ٻُڌايان توکي،
اڄ تہ دل جي سور سِنجرڻ جو داستان، ٻُڌايان توکي.

محبت جي ماندي مفت مسري ٿي،
ويهہ تہ وَرهيہ وِصال جي وڇوڙي جو داستان، ٻڌايان توکي.

دل جو درد ڏٿي دور هليو وئين، مونکي ڪُڙڪ نہ پئي،
سامهون ويهہ تہ برهہ جي باهہ جو داستان، ٻڌايان توکي.

دل سَلي، زخمي ڪيو ٿي،
مونسان مل تہ زخميل دل جو داستان، ٻڌايان توکي.

ڏرد پري دانهن دل ڪي جهوري ٿي،
اوري آءُ تہ فرقت غم جو داستان "گُلَ" ٻڌايان توکي.

●

●

دل محبت ۾ ماندي ڪري، مُنهن مَتي وئين،
دل جو درد اُياري، سور سِنجرائي، مُنهن مَتي وئين.

تُنهنجي رُسامي جي مونکي ڪَلَ نہ ڪائي،
ڪَيلَ قولَ واعدا وساري، مُنهن مَتي وئين.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پرايو، مونکي ڪُڙڪَ نہ پئي،
محبت ۾ رسوا ڪري، مُنهن مَتي وئين.

تُنهنجي رمزَ سُهڻا مان؛ چا سمجهان،
پيار ۾ پنهنجو ڪري، مُنهن مَتي وئين.

فرقت غم ۾ شب روز "گُلَ" گذاري ٿو،
ريهي ريبي، دل ڦري، مُنهن مَتي وئين.

●

●

دل درد جـي مـاري، دلـگـيـرُ گـذاري ٿـي،
مَن ۾ مـحـبـت جي جـوت جـلائـي، دلـهـيرُ گـذاري ٿـي.

دل جـو درد اُپـرنـدو رهـي ٿـو،
صـحـبـت ۾ سـاهـہ سِـڪـرائـي، شِـشـدر گـذاري ٿـي.

دل جـو درد ڏئـي ديسُ ڇـڏي ويو، مـونـکـي ڪُـڙڪ نـہ پـئـي،
دل جـو سـور سِـنـجـرائـي، غـمـگُـسـار، گـذاري ٿـي.

مـحـبـت جـي مـيـدان ۾، پـاڻ رنـجـرائـي ويـٺـي،
قـرب ۾ قـيـد ڪـرائـي، بـيـقـرار گـذاري ٿـي.

فـرقـت غـم ۾ شـب روز "گُـلَ" گـذاري ٿـو،
دل جـو نـاسـور پِـرائـي، اشـڪـبـارُ گـذاري ٿـي.

●

اچي سون کي مُنهن ڏيکار، تُنهنجي فراق ۾ مري نه وڃان،
دل جو درد اچي گهٽاءِ، تُنهنجي وڇوڙي ۾ مري نه وڃان.

دل تي چوٽ لڳائي، دور هليو وئين، مونکي ڪُڙڪ نه پئي،
دل جي درد جي اچي دانهن گهٽاءِ، تُنهنجي جدائي ۾ مري نه وڃان.

روڳ لڳرائني، ويراڳ پرايو،
مُحبت جي مانديءَ جي دل سَرچائي وڃ، تُنهنجي جدائيءَ ۾ مري نه وڃان.

پنهنجا ڪيل قول وعدا، اچي پاڙ،
سرِسولي نه لڙڪاءِ، دل کي دلاسو اچي ڏئي وڃ، تُنهنجي جدائيءَ ۾ مري نه وڃان.

دل ۾ سور ساندي، پئي آهيان پاتال،
اچي "گُلَ" کي گُلزاري وڃ، تُنهنجي جدائيءَ ۾ مَري نه وَڃان.

●

سِڪَ ۾ او سِڪَ ۾ نہ سڪ ساءِ، منھنجا پيارا،
دل جا دُلارا اکڙين جا تارا، منھنجا پيارا.

تُنھنجي پيار ۾ مستُ رَھڻ جي مونکي ڪُڙِڪَ نہ پئي،
عِشق ۾ او عشقَ ۾ نہ گھاءِ، منھنجا پيارا.

توکي تہ مان ساھہ ۾ سانديان ٿي،
محبت ۾ او محبت ۾ نہ مار، منھنجا پيارا.

پيار ڪري مون، چوري تہ نہ ڪئي آ،
ڏُک ۾ او ڏک ۾ نہ ڏُکاءِ، منھنجا پيارا.

تون تہ منھنجي اکڙين جو تارآھين،
جيءَ ۾ او جيءَ ۾ ”گُلَ“ کي بساءِ، منھنجا پيارا.

●

●

دل جو درد پرائي، مان در، در گمان تو،
سورن ۾ پاٽکي سلائي، مان دربدر رُلان تو.

قُرب جو قيد گهريو هو، رهائي نه گهُري هئي،
دل جو درد پرائي، مان در، در ڪُوڪان تو.

سورَ لڳرايا سرَ سان، مونکي ڪُڙڪَ نه پئي،
ڏکن کان ڏکرائي مان، در، در رڙان تو.

ڏک ڏري پڙڪَ پاهر نه پاڻي مون،
من ۾ محبت جو مچُ مچرائي، در، در ڍُڪان تو.

ڪاڻ ڪرمن جي "گُلَ" کي قيد ڪرايو،
برهه جي باهه پڙڪائي، در، در پاڪاريان تو.

●

●

دل جو درد اُجهامي نٿو، بِرهه جي باهه پڙڪا ٿي ڏي،
سور سنجريلُ جهڪو نٿو ٿئي، ساهه سرير مان سِرُڪائي ويٺي:

محبت جو منڊُ هٿي، پرديسُ هليو ويو، مونکي ڪُڙڪَ نه پئي،
عِشق جو آزار پرائي، شب روز ڳوڙها ڳُلِ ڳاڙي ٿي.

روڳُ لَڳو دِلِ کي، وِيراڳُ کان دِلِ بَچايان ڪيئن.

دِلِ دَردَ ۾ مائِل ڪرائي، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
دِلِ کي سورن سازي سڪايو، دامَنُ دِلِ بَچايان ڪيئن.

پيار مُنهِنجي پَلَڻ جو تہ نہ آهي،
دِلِ زَخمي ڪرائي خون ڳاڙيان تو، دامَنُ دِلِ بَچايان ڪيئن.

ڪيس ڪَيو اکِڙين، وينيون پاڻ مارائي،
مُحبَتَ ۾ مَنُ ماندو ڪرايو، دامَنُ دِلِ بَچايان ڪيئن.

دَردَ پيري دانهَن، دِلِ کي جهوري ٿي،
فُرقَتَ غَمَ ۾ "گُلَ" مايوس ڪرايو، دامَنُ دِلِ بَچايان ڪيئن.

●

●

تَرِس نادان دِلِ جو، حالُ تہ ٻُڌي وَڃُ،
تَرِس ناتوان دِلِ جو، حالُ تہ ٻڌي وَڃُ.

رَوڄ راڙي ۾ دِلِ، هولناڪ رَهي ٿي،
تَرِس بيقرار دِلِ جو، حالُ تہ ٻڌي وَڃُ.

سور سِڄڻ جي، مون کي کُڙڪَ نہ پئي،
تَرِس لاچار دِلِ جو، حالُ تہ ٻڌي وَڃُ.

دِلِ جو دَردُ اُڀرندو رهي ٿو گهڻي جي نٿو،
تَرِس هن جذي جيءَ جي دِلِ کي، سهارو تہ ڏئي وَڃُ.

فُرقَتَ غَم مُنهنجو جيءَ وڌي جهوري،
تَرِس هَنَ غَمِناڪ "گُلَ" جي دِلِ کي، دِلداري تہ ڏئي وَڃُ.

●

پيارا تُنهِنجي پيار کان، مايوس دل ٻَهلايان ڪيئن،
پيارا تُنهِنجي پيار کان نِراس دل ٿَهلايان ڪيئن.

دلِ کي چوٽ لَڳڻَ جي، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
پيارا تُنهِنجي پيار کان، حِراس دلِ ٽِلايان ڪيئن.

ڏُوش ڪهڙو ڏيان پئي ڪنهن تي، دلِ جني لُتجَڻ جو،
پيارا تُنهِنجي پيار کان خراس دلِ ٽڙايان ڪيئن.

روڳ لـــڳـــرائــبي، ويـــرا اڳ پـــرايـــو،
پيارا تُنهِنجي پيار کان فِراش دلِ ڪِلايان ڪيئن.

فُــرقَــتَ غَــم ۾ ”گُــلَ“ تــوکــي يــاد ڪَــيــو،
پيارا تُنهِنجي پيار کان بِي خواس دلِ ٿَمڪايان ڪيئن.

•

مُحبَتَ جي جيالن جو کَهڙو ذِڪر ڪجي،
عِشقَ جي جانثارن جو کَهڙو ذِڪر ڪجي.

عشقَ حقيقي جي راهه ۾ پاڻ فنا ڪيائون،
شَمَعَ جي پَروانن جو کَهڙو ذِڪر ڪجي.

دُنوي حالات کان، پاڻ بي نياز،
عِشقَ جي مَتوالن جو کَهڙو ذِڪر ڪجي.

مُحبَتَ جي مَنزل، ماڻڻ لاءِ ڪوشانَ،
سِرويچ مُشتاقن جو کَهڙو ذِڪر ڪجي.

هر تفريحي خيال کان، بي نياز،
اهڙي بِي تاج بادشاهه جو ”گُلَ“ کَهڙو ذِڪر ڪجي.

•

●

دِلِ جــي دَرِدَ ۾ دِلِ پــورائــي، دِيــس ڇــڏي وئــين،
مون کي کَهڙي حال ڪري وئين،
دِلِ تي چـوٽ لـڳائـي، دِلِ زخـمـي ڪـري، ديس ڇـڏي وئين،
مون کي کَهڙي حال ڪري وئين.

دِلِ، دَرِدَ ۾ پـورائـڻ جـي،مـون کـي ڪُـڙِڪَ نـہ پـئـي،
دِلِ جــو دَرِدُ اُپـاري، سـور سِـنجـرائي، ديـس ڇـڏي وئـين،
مون کي کَهڙي حال ڪري وئين.

دِلِ جــو دَرِدُ تـہ مُـنـهِـنـجـي پـلـڻ جـو نـہ آهـي،
سـورن سِـيـج وهاري، مُـنـهَـن تـي مـوڙ سـجـائـي وئـين،
مون کي کَهڙي حال ڪري وئين.

روڳ لــڳــرائــي، وِيــراڳ پِـبـرايــو،
دِلِ زَخِـمـائـي، واتـين رت ڳـاڙائـي، ديـس ڇـڏي وئـين،
مون کي کَهڙي حال ڪري وئين.

دَرِدَ پـري دانـهـن، دِلِ ڪـي جـهـوري تـي،
فُـرِقَـتَ غَـم ۾ "گُلَ" کي گِرفـتار ڪري، ديس ڇـڏي وئين،
هُنَ جو کَهڙو حال ڪري وئين.

●

●

دِلِ جو دَردُ اُپاري، دامَنُ ڇڏائي وئين،
دِلِ جو سور سِنجِرائي، دامن بچائي وئين.

دِلِ، دَردَ ۾ مائل ٿيڻ جي، مون کُنڙڪَ نہ پئي،
دِلِ پرپائي، دامَنُ داغِدار ڪري، جند ڇڏائي وئين.

روڳ لڳائي، وِيراڳ پرايو،
مُحِبَتَ جو منڊ هَٽِي، دِلِ ماندي ڪري، پلاند ڇڏائي وئين.

صَعُوبتون سَهِي، پِڙِڪَ پاهر نہ باقي مون،
سورن سِيج وهاري، موڙ سجائي مُنهن تي، جان ڇڏائي وئين.

جِگر زَخِمائي، واتسين رت ڳاڙيان ٿو،
فُرِقَتَ غَمِ ۾ "گُلَ" کي گِرفتار ڪري پاڻ ٽَڙِڪائي وئين.

●

پيار تُنهنجو پيار نہ رَهيو، واهَہ جو تو ساٿ نڀايو،
نَظرَ تُنهنجي نياز نہ رَهيو، واهہ جو تو ساٿ نڀايو.

پيار جي پَلاند چِڏائڻ جي، مون کي کُڙڪَ نہ پئي،
پيار جَتائي پيار جو، پَلاند چِڏائي وَيو، واهہ جو تو ساٿ نڀايو.

پيار تہ مُنهنجي پَلڻَ جو نہ آهي،
نور نَظرَ، نہ نياز رَهيو، واهہ جو تو ساٿ نڀايو.

دلِ جو دَردُ اُپاري، سور سِنجِرائي وَيو،
دلِ نہ دِلنواز رَهيو، واهہ جو تو ساٿ نڀايو.

فُرقَتَ غَم ۾ توکي مون ياد ڪَيو،
”گُلَ“ نہ گُلاب رَهيو، واهہ جو تو ساٿ نڀايو.

•

روئي حال كال وِڃائين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي،
پنڌڻ ڪري پاڻ کي ظهير ڪرين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي.

روح ۾ رولي، رات هَلي سو وَيو،
دِل جو مَرض پِرائي، روئين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي.

ڏک ڏري، سڪ وِڇرايو،
دِل ۾ دَليل جوڙي، پاڻ مارين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي.

جيءُ جڙائي، جوين جواني خاڪ ڪرائي،
دِل جو سور سِنجِرائي، راتيون جاڳين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي.

دَردَن آڪيرو جوڙي، واهيرو ڪَيو "گُلَ" جي دِل ۾،
دَردَن جو بَسيرو جوڙائي دِل ۾، پار اُلاڀين ڇو ٿي، ٻئي ڪي ڪُڙڪَ نہ ڪائي.

•

●

جيءُ جان جَنهِن کي ڪيم، جِند جَلرائي تنهن ڪان،
دِلِ جو حالُمُحرم سمجهم جِنهن کي، جِند جَلرائي تنهن ڪان.

روح راڙي جي، مون کي ڳُڙڪَ نہ پئي،
مُحبَت ۾ پاڻ مارايم جنهن ڪان، جِند جَلرائي تنهن ڪان.

اُڪير اندر ڪي، ڪَتِي ۽ ڪوري تي،
دِلِ جو سور سِنجِرايم جنهن ڪان، جِند جَلرائي تنهن ڪان.

صَعُوبتون سَهي، ٻُڙڪَ ٻاهر نہ ٻاقي مون،
روڳ لَڳرائي، وِراڳ پِرايو جنهن ڪان، جِند جَلرائي تنهن ڪان.

فُرقَت غَم "گُلَ" کي ڳَاري هَڏڙا ڪيو،
جاني پِٺايو جَنهِن کي جِند جان جو، جِند جَلرائي تنهن ڪان.

●

•

هڪ سُهڻي ٻيو سينگار ڪرين ٿي، تيون دونالين جا وار ڪرين ٿي،
تُنهنجا مِهندي رَتڙا هٿڙا، مُنهنجو مَنُ موهي، دِل تي وار ڪرين ٿي.

تُنهنجي سينڌ سينگار، اَثر ڪَيو، مُنهنجي دِل تي، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
پَلڪون هِليون نَظرون مِليون، دِل تي دونالين جا وار ڪرائين ٿي.

سور پرايا دِل ۾ سانڍي جسم هڏڙا ڪَرايو،
دِل جو دَردُ اُپاري، سور سِنجرائي، دل تي وَرِ وَرِ وار ڪرين ٿي.

روڳ لَڳرائي، ويسرا ڳ پِنرايو،
مُحبَتَ جو مَنَ ۾ مَچ مَچائي، دِل تي دونالين جا وَرِ وَرِ وار ڪرين ٿي.

ضَعُوبتُون سَهِي، پِڙَڪ ٻاهر نہ ٻاقي مون،
فُرِقتَ غَم ۾ ”گُلَ“ کي اَذِيتناڪ ڪري، دِل تي دونالين جا وَرِ وَرِ وار ڪرين ٿي.

•

ڏکي کي ڏُکن ۾ ڏکيو ڏسي، پَنهنجا پرايا، وينا وِساري،
سورن جي سَڙيل کي سڙندو ڏسي، پَنهِنجا پرايا، وينا وِساري.

ڏکيا ڏُونگر ڏيهه جا ڏورڻ جي، مون کي کُڙڪَ نه پئي،
دلِ جي دَردَ ۾ گِرفتار ڏسي، پَنهِنجا پَرايا، وينا وِساري.

سور پرايا دلِ ۾ سانڍي، پَروڻ کَرائي،
ڏاڍن جا ڏاڍَ ڏِسي، پَنهِنجا پَرايا، وينا وِساري:

دلِ جو دَردُ ته مُنهِنجي پَلَڻَ جو نه آهي،
بِرهه جي باهه ۾ پَچِرَندو ڏِسي، پَنهِنجا پرايا، وينا وِساري.

ڏک ڏوري، سک وِڃرايو،
فُرقَتَ غَم ۾ "گُلَ" کي ماندو مَرَندو ڏِسي، پَنهِنجا پرايا، وينا وِساري.

سورن جو سلو اُيريو، پرينءَ جي پوياريءَ تي،
دلِ جو دَردُ اُيريو، پرينءَ جي عياريءَ تي.

رُوح رانجهن يار کانسوا ۽ کينِ ريجهندو،
بِرهه جي باهه پڙڪائي پچرايو، پرينءَ جي گينواريءَ تي.

پيار جو متوالو، کيئن سک سمهندو،
ويس وڳا پائڻ ويا وسري، پرينءَ جي اَغياريءَ تي.

نيڻ روئن ٿا نمٽاڻا، چرين کي ڇا سمجهايان.
دلِ آشِکِ بار رهي، پرينءَ جي رواداريءَ تي.

لاوان ڏياري لوکن کان، مبنهن متي ويو،
دربدريءَ جون "گُلَ" نوکرون کاڏيون پرينءَ جي رَاهه فراريءَ تي.

●

دِلِ ۾ دَرِدُ سانيي، دَرِدِناڪ ڪرايو،
دِلِ جو سور سِنجِرائي، اَذِيتناڪ ڪرايو.

دِلِ جي دَرِدَ اُيرڻ جي، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
مُحبّتَ ۾ مَنُ ماندو ڪرائي، غَمِناڪ ڪرايو.

ڏک ڏري، سڪ وِچرايو،
بِرهَہ جي باهِہ ڀڙڪائي، غَضبناڪ ڪرايو.

روڳ لڳرائي، وِيراڳ ڀرايو،
ننڊ نيڻن جي ڦٽائي، عِيبناڪ ڪري وَيو.

فُرقَتَ غَمِ ۾ شَبِ روز ”گُلَ“ گذاري ٿو،
زَخِمي جِگرَ مان خون ڳاڙائي هِيبتناڪ ڪرايو.

●

•

لـڳـائـي چــوٽ عــشـقَ جـي، پُـنَـهـل ســاٿ نــ ڏنـو،
مـاري مُـحِـبَـتَ جـي مـيـدان ۾، پُـنهَـلَ ســاٿ نــ ڏنو.

عـشقَ جـو آزار ڪـيـئـن لـڳـو، مـون ڪـي ڪُـڙڪَ نـ پـئـي،
مُحبَتَ جي مَنَ ۾ مشعل جلائي؛ پُنهَلَ ساٿ نہ ڏنو.

ڏڪـــيـــو ڏڪـــڻـــهـــار، ڏڪـــنـــدو رهـــيـــو،
دل جـــو دَردُ اُبـــاري، پُـــنـــهَـــلَ ســـاٿ نـــ ڏنـــو.

پَـلـئـو پـائـي مُـنـهـن تـي، شَـب روز رڙان ٿـي،
ســورن ۾ ســڙيءَ ڪـي ســاڙي، پُـنَـهـلَ ســاٿ نـ ڏنـو.

تـيـر نَظَرَ جـا وار وسـائـي، جِـسـم سـنـگـسـار ڪـري وَيو،
عِـشقَ جـي لـئـون لـڳـائـي "گُـلَ" پُـنَـهَـلَ ســاٿ نـ ڏنو.

•

•

سور سر سان ويا لڳي، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو،
ڇوريءَ سڪڻيءَ کي سازي، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو:

مون ڪنهن دل لڳيءَ جي ڪُڙڪَ نہ پئي،
سر سڙيءَ جو سوليءَ چاڙهي، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو.

دل، دَردَ ۾ پورائي، پرورش ڪرائي،
مُحبتَ جو مَنَ ۾ مچ مچائي، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو.

روڳ لڳرائي، وِيراڳ پرايو،
ڇوريءَ جو ساهہ سورن ۾ سڙي، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو.

فُرقتَ غم ۾ شَب روز "گُلَ" گذاري ٿو،
پاند اُڪنائي مٺيءَ سان، ساجن ساٿ ڇڏي وَيو.

•

●

دِلِ جي دَردَ ۾ تڙپائي ڇو تو پاڻ لڪائين، مون کا منهن متائين،
دِلِ جو سور سِنجِرائين، ڇو تو لُپڙائين، مون کان منهن متائين.

دِلِ جي دَردَ اُيرڻ جي، مون کي کُڙڪَ نه پئي،
بِرهه جي باهه پڙڪائين، ڇو تو پَچرائين، مون کان منهن متائين.

جڳ اَندر، نِروار ڪري، مون کي خوار ڪيو تي،
مُحبتَ جو مَنَ ۾ مچ مچرائين، ڇو تو تڙڪائين، مون کان منهن متائين.

دِلِ جو سور تہ ڪنهن جي، سَلڻ جو نہ آهي،
دِلِ ۾ دَردَ جڳائين، ڇو تو تڙپائين، مون کان منهن متائين.

سورن سيج وهاري، پاڻ سکيو تي وينو،
پياري پيار جي پڙي "گُلَ" کي ڇو تو ٽڙڪائين، مون کان منهن متائين.

●

ناز نخرن سان گهوريون، گذرين تي ڳليءَ مان،
پازيب پيرن ۾ پائي، چمڪائي گذرين تي ڳليءَ مان.

تنهنجي شباب جي جهلڪ، شهاب مثل آهي،
گل گلاب جهڙي شگفته صورت، نکاري گذرين تي ڳليءَ مان.

لال گلابي ڳل، لبن تي مرڪ،
تير نظرن جي وسڪارن سان، گذرين تي ڳليءَ مان.

ديوانا دل بچائن پنهنجي،
اسان ترڇي نظرن سان ڇو نه گهايون، گذرندي ڳليءَ مان.

يالا پٽڇن نظرن جي وار سان، "گُلَ" کو ڳري ته پل ڳري،
اسان گهايل ڪرڻ جي فطرت، ڇو ترڪ ڪيون، گذرندي ڳليءَ مان.

●

چپر چني تـوريءَ کان، پاڙ پاڙي ويا،
ڏيب ڏئي ڏکن جو، مئي سان ڏاڍ ڪري ويا.

پَلَرُ پلاٽي ويا پريات جو، مون کي ڪُڙڪَ نہ پئي،
دلِ جو ڏاڙو هٽي، مٿيءَ سان جاڙ ڪري ويا.

کهڙو ڏوهہ ڪنهن تي ڏيان، ڪرمن ڪين پڙايو،
دلِ جو دَردُ اُپاري، سور سِنجرائي ويا.

شَبِ روز روئبندي، بستر پنايان ٿني،
سهج سورن جو ڏئي، مٿيءَ کي سيج وهاري ويا.

فُرقَتَ غَم ”گُلَ“ کي بيتاب ڪيو،
قِسمَت مٿيءَ سان بساٽ نہ ڏنو، نيڻن کان نير ڳاڙائي ويا.

●

•

پرديسيءَ کي مهمان ڪري گهر ترسايو،
دلِ جو دَردُ پرائي، خاڪ بسر ڪرايو.

سهڻي جي چهري جو شباب، تانڊاڻ وانگر جرڪي پيو،
سهڻي جون نظرون نظرن سان اٽڪائي، خطا وار ڪرايو.

دل جي تار ڇيڙي، لئون لڳائي ويو،
نهريل مهمان کان، بيقرار ڪرايو.

اهڙي انسان کي، ميار ڪهڙي ڏجي،
جنهن کنهن جو، نه قدر سڃاتو.

پرديسيءَ جيَ آهي ”گُلَ“ ڪهڙي يِاري،
جيڪو رات ٽڪي، تيو عصر روانو.

•

دل جـــــي درد ۾، تــــــڙپــــائـــــي وَيـــــو،
ســــــورن ۾ ســــــڙيءَ کـــي، ســــــاڙي وَيــــو.

درد ۾ ديـــوانـــــي، تـــي دانـــــهـــــون کـــري،
تـــعـــبـــيـــــدار کـي، تــابــنــاک کـري وَيــو.

ســــورن ســيــج وهــاري، ســکـيـــو تـي ويـنـــو،
ســمــاج جـي سـنـســار ۾، سـنـگـســار کـري وَيـو.

کـرمـن جـي کـاڻ، پـيــو کـيــر پـيـوڳـيـنـدو،
سنـنـســار جـي ســاگـرَ ۾، وچ ســيــر چـڏي وَيـو.

ســـڙيءَ کـي ســورن، ســک ســمـجـهڻ نـــ ڏنـو،
شـال پـهـرائي چـوريءَ کـي ”گُلَ“ سـر ننگو کـري وَيو.

●

دلِ ۾ دَردُ سانديي، تڪيو آهيان،
شل موت ماري، ڏيهه ڪان ڏڪيو آهيان.

روئداد دلِ جو، اَچي ڪوئي ڏسي،
سور سَبهنديي، تڪيو آهيان.

پرائي ڏيهه ۾ جيءُ سرڙائي ڏکيو ڪرايو،
ڏک ڏولاوا ڪائي، تنڪيو آهيان.

سورن سيج وهاري ساهه سوگهو ڪرايو،
صَعُوبَتون سَهِي، تڪيو آهيان.

فُرقَتَ غَمْ ۾ ”گُلَ“ ڏِينهن گذاري تو،
وِيڳ وهاري، تڪيو آهيان.

●

●

ڳيرو ڳلڙي گفتار سان، گرفتار ڪري ويو،
پيار جي پنڄوڙن ۾ پڪڙي، بيقرار ڪري ويو.

پلڪون ڪٽي نظرون ملائي، تير نظر جا دل تي وار، وسڪار ڪري ويو.
پيناري پڙي پيار پريت جي، پر اسرار ڪري ويو.

نور نيامت جي نيازمنديءَ بانيدي بڻايو،
ساجن ساهه سوڳهو ڪري، اشڪبار ڪري ويو.

دل جي تار ڇيڙي، لئون لڳائي ويو،
پلر پلاٽي پريات جو، رت روئاري خاڪبسر ڪري ويو.

پير پرينءَ جا ڪنيو، پار پچائيندي وتان ٿي، ”گُلَ“ نہ واهي واهيرو،
جبل ڳماتيون وات جا جماڳنيندي وتان ٿي.

●

●

دِلِ کي لَڳي پريشاني،
چمن جي، ويرانيءَ تي.

چمن ڦٽو، اُڏاميان پکيئڙا،
دِلِ کي لَڳي، بيقراري.

اُڏاميل پکيئڙن پرديس وسايو،
ويران دِلِ، بسائڻ ڏکي آهي.

بهار هوندي، خزان لَهرايو،
دِلِ جي مرجهايل ڪَلي، ٽڙائڻ ڏکي آهي.

گُلُ گلاب جو گُلُ، چمن ۾ ناياب آهي،
دِلِ کيءِ چمن ۾ ”گُلَ“ مِلڻ ناپيد پريَ آهي.

●

●

آشيانـ جَلَڻَ جي، ڳالهہ ڪري ٿو،
دِل جَلَڻَ جي ڳالهہ، ٻڌي ٿو.

جنهن شهر ۾، پيمان وفا نہ رهي،
آهڙي شهر جي، ڳالهہ ڪجي ڇو.

وفا جي بدلي، جنهن جفا ڪئي،
آهڙي بي وفا جي، ڳالهہ ڪجي ڇو.

جنهن شهر ۾، دَرِدُ پِرايو،
آهڙي شهر ۾، گذر ڪجي ڇو.

دُوش ڪهڙو، ٻئي ڪي ڏجي،
آهڙي شهر ۾ ”گُلَ“ دِل لڳائي ڇو.

●

هن شهر کان "گُلَ" ڪوچ ڪر، اهڙي شهر ۾ دل لڳائڻ ڇا،
جنهن شهر ۾ وفا نہ رهي، اهڙي شهر ۾ دل لڳائڻ ڇا.

بي قرب کي ڪهڙي خبر، ٻئي جي ڏک درد جي،
جنهن جهوليءَ ۾ ٿيڊ ٿيا، اُنهيءَ جهوليءَ کي ڦهلائڻ ڇا.

دل جو دردُ پرايو، بي وفا کان جنهن ديار ۾،
اهڙي ٻني وفا جي اڳيان، جهولي ڦهلائڻ ڇا.

سورن ۾ سڙي، جنهن سات نہ نڀايو،
اهڙي نا شناس جي اڳيان، جهولي ڦهلائڻ ڇا.

جنهن شهر ۾، پيمان وفا نہ رهي،
اهڙي شهر ۾، "گُلَ" دل لڳائڻ ڇا.

•

سوڪڙيءَ ۾ مليسو چلڙو،
سڪ سان ٽڪ جڙيل، مِليو چلڙو.

سونهن پريو، سهڻو چلڙو،
چيچ ۾ پاتو، سنهڙو چلڙو.

ڇهي جهڙي چيلهه جيان، سندر چلڙو.
جيءُ جان ۾ سانديو چلڙو،

ساهه سنڪي پيو جنهن لاءِ،
تنهن سِڪ سان، موڪليو چلڙو.

مَن مبهوهيندڙ چلڙو،
چُمي پيو چمان ٿو ”گُلَ“ اُهو چلڙو.

•

●

مَن پسند موتي کو،
پوئي پاءِ، ڳل ڳچيءَ کو.

من موهيندڙ ٻناءِ پاڻ کي،
زهر نه کر زندگي کنو.

جَڳ جو دَردُ سانيدي دلِ ۾،
مَنُ تہ مُرجهاءِ، وري کنو.

ڏور ڏيهه جا پرديسي،
پرائي ڏيهه ۾، گهٽو نہ ويچار اڳتي کو.

”گُلَ“ گُلاب جي گُلن مان، اُها خوشبوءِ وٺي ڇڏائي،
رت موسم جي ٻدلي آهي کو.

●

•

نيڻن مان نير ٿمندا رهيا، دلِ تڙپندي رهي،
بي وفا جي جدائيءَ تي.
دلِ جي دَردَ ۾ ديواني، دلبرداشت ٿي ڪُسندي رهي،
بي وفا جي جدائيءَ تي.

تصوير بي وفا جي تصور مان، دلِ ڀلائي نہ سگهي،
سقراط سورن جو سمر دل کي سوير مليو،
بي وفا جي جدائيءَ تي.

تدبير سان تقدير نہ بدلي مون بدقسمت جي،
دنيا جي ساگر جي ڇولين ۾ لڙهندي رهي،
بي وفا جي جدائيءَ تي.

اُڪير دلِ کي جهوري وجهي ٿي جهير،
راتيون اکڙين تي ڪاٽي ڏينهن ڪرايان ٿي،
بي وفا جي جدائيءَ تي.

روڳ لڳائي "گُلِ" ويراڳ پرايو،
خون جسم جو ويو خشڪ ٿي، ماس هڏڙن مان ڪورائي،
بي وفا جي جدائيءَ تي.

•

•

دِلِ جي دَردَ جيئڻ ڪيو آهي مشڪل،
بي حال رهي ٿي، مُنهِنجي دِلِ.

هاءِ هاءِ، ڪيڏو ظالم آهي زمانو،
جنهن گهايل ڪئي، مُنهِنجي دِلِ.

مَنُ ماندو، روح پريشان آ،
ٿَل مُشِڪل ٿئي، مُنهِنجي حل.

ڪوئي روئداد، مُنهِنجي اچي ڏسي،
بني حال پئي آهي، مُڪَمَل.

دوش ڇو، پئي ڪي ڏجي،
زَخمي ڪرائي، "گُلَ" پَنهِنجي دِلِ.

•

●

ڪاريھر سان، پينچ پائي،
پاڻ ڪي وڏو، سوچ مارائي.

زخم جو نالو نه اتس زبان تي،
خون جگر مان تو، ڳچ ڳارائي.

خونٰ جو پياسي، پيار مان چا چاٽي،
رت روئاري تو، ڳچ ڳارائي.

زندگي جو، زهَر ڪرائي،
جيئڻ حرام ڪَرايو، پيچ پائي.

ڪاريءَ تي جو، پير پَيو،
”گُلَ“ پاڻ مارايو، پيچ پائي.

●

مُحبّت جو ڏيئو ٻَرائي،
دِل کي وڏو، پَچرائي.

دِل جو طوفان، ٿمجي نٿو،
هوا جي آڌو ويو ڏيئو اُجهامي.

دِل کي ملَيل داغ، مِٽجي نٿو،
ڦَٽ فراق جا، وَيو چُڪائي.

دوش ڇو، ٻئي کي ڏجي،
دِل جو داغُ، ڪو ڇِٽائي.

سور سنسان، ويا لڳي،
ڏکنايل ”گُلَ“ پيو تو ڏُکائجي.

●

سهڻا دردوندي سائل جي دوا ڪر، پنهنجي هٿ سان،
سهڻا صدا بلند ڪرڻ واري ستايل سائل جي دوا ڪر، پنهنجي هٿ سان.

عشاق جي جستجو رهي ٿي، پيار جي پياس اُجهائڻ،
عاشق ڪي آراستو ڪري، دوا ڪر، پنهنجي هٿ سان.

آتش پرست پروانا، ڪيئن شمع تي پاڻ جلائن ٿا،
متوالي مريض جي، دوا ڪر، پنهنجي هٿ سان.

قرب جا ڪنل، ڪيئن ڪوڪندا رهن ٿا؟
عشاق ڪي پنهنجي شباب جي مهڪ سان، سرفراز ڪر، پنهنجي هٿ سان.

ڪوئي ڪونه ٿو ڏسجي "گُلَ" سرفروش جي همت افزائي ڪري،
بي يار مددگار مستاني جي، سرپرستي ڪر، پنهنجي هٿ سان.

●

●

مَـــيــــار كـــهـــڙي، كـبـنـهـن كـــي ڏِجـــي،
دَرِدَونـدن جـــي دانـهـن، ٿـــو كـوئـــي ٻـڌي.

دِلِ جـي تـار چـيـــڙي، لـئـــون لـڳـائـي ويـو،
اِكـــڙيـون آلـيـنـون، چـهـــري تـي اُداســي.

دَرِدَوَنـــدا ديـــوانـــا، رڙنـنـدا رَهـن ٿـــا،
هـيـٺـي جـو هـمـائـتـي، ٿـو كوئـي ڏِسـجـي.

زمـانـي جـي ڏاڍاين كـان، كـيـر واقف نـه آهـي،
ڏكـيـو ڏكـٺـهـار، دادرسـيءَ لاءِ پـئـي كـوكـي.

پـيـنـار، پـيـار جـو پـيـاسـي، پـيـاسـو رهـيـو،
دَرِدَونـدي "گُلَ" جي دِلِ، درشن لاءِ پـئـي تڙپي.

●

●

اَباڻن جو گذر بسر، اَڪثر ڌُٽ ڌنئورن تي،
ساوڪ ساول اُپري تي، اَڪثر مند ميهن تي.

ڏوتي مال چارن، اَباڻن جا،
چيلا چيڪ گهمن؛ پتين پاسن تي.

گلڙا گهمن، پتين پاسي وسن،
ڏسي نيڻ ٺرن، پنهنجي مارن کي.

مندو مور نه پسن، پنهنجي مارن مان،
گڏجي خوب گهمن، پتين پاسن تي.

ميرو مندو اوچڻ اوڙهن، اَڪثر خوشيءَ مان،
مارون گڏجي گذارن "گُلَ" اَڪثر پڪا پٽين پاسي آڏي.

●

●

سنگهارن کي، دلِ ساري ٿي،
پنٿين واسِن کي، دلِ ساري ٿي.

گُلڙا گهمن پنٿين پاسي وسن،
مُنَهنجا نيڻ ٺرن، رويو ساري ٿي.

سانگين کي ساهه، سدا سنڀاري ٿو،
خدا شل مارون مِلائي، دلِ ساري ٿي.

اُوڃڻ آباٺا، مان ڪيئن لاهيان،
ليڙيون ليڙ ڪپڙا، ساري اُوڙهي ٿي.

پَٽَ پٽيهر، ڪاج پڪوان، مون کي ڪين وڻن ٿا،
لوئيَ، ليڙ ڪپڙا "گُلَ" ساري اُوڇڻ ساڳيا اُوڙهي ٿي.

●

●

پر لڳن، اُڏامي وڃان،
سنگهارن کي، وڃي ڏِسي اَچان.

دِلِ حيران، پريشان رهي ٿي،
سنگهارن سان، روح رهاڻ ڪري اَچان.

گلڙا گهمن، پٽين پاسي وَسن،
منهنجا نيڻ ٺرن، دِلِ وندرائي اَچان.

مارون مال چارن، پَنهنجي پيارن جا،
سنگهارن سان گڏجي، کَليو کير پي اَچان.

نيڻن نير ڳڙن، اُنهن جي جدائيءَ کان،
سار سنگهارن جي ”گُلَ“ وڃي لهي اَچان.

●

●

ننڍپڻ جو ڇپر، ڪڪائون،
سارو جلي ويو، ڇپر پراڻو.

پسم تبيو، خاڪ اُڏامي،
ڍير ٿيو، ڇپر اباڻو.

کُلي آسمان هيٺ،
گذر بسر ٿيو، اڪثر اباڻو.

لڪ لوهه ساڙيو، سيءُ سرير ڪيٰ،
ڪنڊي ۽ ڪانو، اوچڻ اڪثر پراڻو.

هوا جي آڏو، وڻ ڏيئي جي اُجهامي،
رات اونداهه "گُل" اُنڌوڪار سارو.

●

•

دنيا ساري، بدلجي وئي،
خلق ساري، بقليجي وئي.

ڪوڙ ڪپت جو، پودو تخليق ٿيو،
سچ جي پاڙ، پٽجي وئي.

ماڻهن مان، مساوات وئي ڇڏائي،
اخوت ڀائيچاري، بدلجي وئي.

توحيد اسلام جو جهنڊو ناپائيدار رهيو،
فرقاپرستي، وڌي وئي.

ڏاڍو سو، ڳاڀو ٿيو،
روحانيت انسان جي "ڳل" بدلجي وئي.

•

•

دلِ جي تار ڇيڙي لئون لڳائي وئين،
بي حال دلِ کي، عاجز ڪري وئين.

دوش ڪنهن تي، ڇو ڏيان،
دلِ جو دَردُ اُڀاري، اَذيتناڪ ڪري وئين.

سور پرايا، دلِ ۾ سانڍي،
دلِ جو سور سِنجرائي، اشڪبار ڪري وئين.

قصور ڪهڙو ڪيو مون، اُهو به تہ ڪو ٻڌائي،
بي قصور کي، سزاياب ڪري وئين.

بي دَردَ کي ڪهڙي خبرَ، ٻئي جي دک دَردَ جي،
دلِ تڙپائي "گُل" کي اذيتناڪ ڪري وئين.

•

●

عِشقَ اَرڏي، دانھن ڪيرائي،
ڪاريھرن ڪان، ڏنگرائي.

رتي ماس نہ رهيو بدن تي،
ويئي ماس، هڏڙن تان ڪورائي.

دَردُ پرايو، دِلِ ۾ سانڍي،
ويئي خون جِگر مان، وهرائي.

دِلِ جو دَردُ تہ پَلجَڻ جو نہ آهي،
ڪو منڊ جوڳيئڙن کان پڙهائي.

جاذق حڪيم، ڪُوچ ڪري ويا،
هُوتن ڪي ڪو "گُلَ" مَن منرائي.

●

●

سنتارن جي جهرمر، آڪاش جي سونهن جرڪائي،
پلڪن جي چرپر، سهڻي جي، سونهن وڌائي.

دلفريب نظارن، دلِ تابناڪ ڪئي،
اَزلي عِشقَ، دانهن ڪيرائي.

دلِ جي ڌَڙڪن، دَردُناڪ ڪيو،
نادانِ دلِ، ناتوان ڪرائي.

مَن مستياني، ماندو ڪيو،
چشمن جي جهڙپن، دامَن پسورائي.

ڪارا ڪڪر، آڪاش اُپاڪو،
روشني ڪامي، "گُلَ" جهان اُونداهي.

●

●

پنکڙين تي، شبنم جرڪي ٿي،
پتن تان بوند، ٽپڪي ٿي.

سونهن ساوڪ، بهار وڌائي،
گلن جي مهڪ، مهڪي ٿي.

گلشن بهار، بولي بلبل،
باغ ۾ ڪوئل، ڪوڪي ٿي.

گُلن جو واس، پوئنر وني ٿو؛
دلِ ڪي سونهن ساوڪَ، ٻهڪائي ٿي.

رات اُونداهي، تارا چمڪن،
رات سياهي، ”گُلَ“ جرڪي ٿي.

●

•

ڏک ڏوريندي ڏينهن گذاريا، کلندي خوشيءَ سان،
سوزن جو سمر سموئيو دل ۾، کلندي خوشيءَ سان.

دنيا ۾ دربدريءَ جون ٺوڪرون کائي گذاريو، کلندي خوشيءَ سان،
اذيتون عزيزن کان مليون، سٺيون کلندي خوشيءَ سان.

رنجشن ۾ راتيون ڪاٽيسون، ويٺي اکڙين تي،
صعوبتون سهندي شب روز گذاريو، کلندي خوشيءَ سان.

همدرد، همنوا، ويا وقت کان اڳ گذاري،
برهه جي باهه ۾ پڇرندو رهيس، سٺو کلندي خوشيءَ سان.

غمن جو مداوا، نه ڪو غم تار مليو،
فرقت غم ۾ ”گُل“ گذاريندو رهيو، کلندي خوشيءَ سان.

•

قدرتي آبي وسيلو اُهوئي آ،
اِنساني سوچ بدلجي وئي آ.

مصنوعي نالا نديون وهائي،
آبي کوٽ پيدا ڪئي وئي آ.

قدرتي حد اُورانگهي،
انسان بيدنگي راهہ اختيار ڪئي آ،

حد کان وڌيڪ حرص ڪرڻ،
نقصان جو باعث اِهوئي آ.

قدرت جي حڪمت عمليءَ کان منهن موڙڻ،
ڪائنات جي ڌمر جي "گُلَ" اِها نشاني آ.

•

سُبھٽي سان ملاقات تي خواب ۾،
حيرت کان سڪايل جا ڳوڙها ڳڙي پيا لار ڪري خواب ۾.

بيتاب تي، اِشاري سان عرض ڪيم،
مسڪرائيندي نَظرون مِلائي، ڪنڌ جهڪائين جواب ۾.

بي خبر روبرو، جهرندو رهيو،
زبان مان ڪجهه ڪچو نه پچو، رمندو ويو حجاب ۾.

ڪهر جي قيامت ٽُٽي، بي وفا جي موٽ تي،
ڪنڌ ورائي، مسڪرائيندي ڏسندو ويو خواب ۾.

هِجرِ فِراقَ ۾ "گُلَ" ڳچ ڳرندو رهيو،
وري ڪڏي ملاقات ٿئي، سهٽي سان خواب ۾.

•

هت سان هوت وجائي،
ويني آهين وات جهلبي.

كير كوج لڳائي، ٻڌائي ويندڙ جي وات جي،
روح نٿو رهي، من ملي وات تي.

هڪ راهه اوپري، نه واهي واهپو،
ووڙيندي وتان ٿي، ويندي وات وٺي.

ٻاجهه کوهيارل کي، کوڪندي ڪين پئي،
ساريندي ساجن کي، ٻن موٽ ملي.

ليڙون ڪپڙا ليڙ ڪرايا، لڪ لتاڙي،
پار پتا "گُلَ" پڇائيندي وتان ٿي شل ميت ملي.

•

آڪيلو نہ وڃي ها؟
مون کي اڪيلو ڪري، اَڪيلو نہ وڃي ها.

ڏهاڳ ڏئي ڏکن جو،
بيگانو ڪري نہ وڃي ها.

ڏکيو ڏکٿهار، ڏکندو رهي ٿو،
سورن سان نوازي، سُبرڪي نہ وڃي ها.

تنهنجي هِجَرَ ۾ سڄڻ، پاڪاريندو رهان ٿو،
فُرِقَتَ غَمَ ڏئي، اڪيلو ڪري نہ وڃي ها.

تنهنجي نہ هوندي، وسندي ويران لڳي ٿي،
دَرِدَن ۾ ”گُلَ“ کي لوٽي، اَڪيلو ڪري نہ وڃي ها.

•

●

ويـر روئـان تـوُ نـيـن،
دَرِدَ کـيـو دلـگـيـر.

سـورن سـويـن سـوراخ کـيـا،
زَخِـمـن کـيـو ظَـهـيـر.

ڪاريـهـر کـي ڪـهـل ڪـهـڙي پـونـدي،
قـرب ۾ قـيـد ڪـري، ڏَئـي ويـو سـيـر.

سـورن ۾ سـيـنـن سـاڙي،
سُـرڪـنـي وَيـو سـويـر.

ڪپڙا بدلايان، پاڻ سنواريان ڪنهن جي ڪري،
هـو تـه شـهـر ڇـڏي وَيـو "گُـلَ" ڏور.

●

●

توکي سنياريندي، دِلِ تو وندرايان،
بِره جي باهه کيان، چوٽڪارو تو پايان.

تات تنوار آهي، دِلِ کي تُنهنجي،
روح بهلائيندي، توکي تو ساريان.

نور نيامت، تون آهين مُنهنجو،
وِرِدُ وَرجائيندي، توکي تو ساريان.

نسورن دِلِ کي سَلي، پروڻ کيا،
واتين رت ڳاڙيندي، نير تو ڳاڙيان.

پور پون تا دِلِ ۾، پَل پَلِ،
اُوسيئڙا اُپاريندي "گُلَ" زَخم تو تاتيان.

●

●

پَردیسي، یاد اَچي تو،
دِلِ ڏاري، دیس ڇڏي وَیو.

ڍوهو، ڍوهه کري وَیو،
پَلَر پَلاڻي، هتان لنگهي وَیو.

واسينگن وارو، وار کري،
ڦندي سان ڦاسائي، دِلِ ڦتي ڦري وَیو.

راتيون جاڳندي، ڏينهن کيان ٿي،
ننڊ نيڻن جي اِئين ڦِتائي وَیو.

فُرقتَ غم ۾، شَبِ روز گذرن ٿا،
روڳُ لڳائي "گُلَ" وِيراڳُ ڏئي وَیو.

●

•

نَظرون مِلائي، دِلِ ڦري ويو،
هاءِ، هاءِ بيقرار، ڪري ويو.

پَلڪون ڪٽي، پيو تير وسائي،
دِلِ زخمائي، بيوس ڪري ويو.

دِلِ جو سور سلڳندو رهي ٿو،
دِلِ جو دَردُ اُياري، دِلگير ڪري ويو.

صورت ڏسڻ لاءِ، دِلِ تڙپي ٿي،
گهور سان گهائني، سڪيو ٿي وينو.

گهر گهر ڏيئا جلن ٿا،
منهنجي گهر جو ڏيئو ”گُلَ“ اُجهاميل رهي ٿو.

•

اڄ هن گهر ۾، ويراني آهي،
سناٽو ڇانيل، اُداسي آهي.

مَن جي مکڙي، وئي مرجهائي،
ڪاري رات، پئي تي ڇڙڪائي.

مَن جو ميت مُيئيءَ ڪي ماري وَيو،
سڙيءَ ڪي وَيو، سازي اُجاڙي.

ڪاري ڪفني، تن تي اوڙهي،
شَب روز روڄ راڙو، پريشاني آهي.

گهر، گهر چراغ جَلن ٿا،
مُنهِنجي گهر "گُلَ" اوندهه ڪاري آهي.

•

پسينو سهڻي جي شباب کي چمڪائي ٿو،
سونهن صورت کي ٻيڻو بالا بڻائي ٿو.

راهگيرن کي پاڻ ڏي متوجهه ڪرائي ٿو،
شباب کي تاندڻ وانگر جرڪائي ٿو.

دل ۾ دَرد سمائي، ڪسندي ڏينهن گذرن ٿا،
واتهڙن جي دلين کي، هر ڪائي ٿو.

سهڻي ڦاسي گهات گهڙيو، پروانن جي مرڻ لاءِ،
متوالو مرڻ جي جستجو ۾، هر وقت تيار رهي ٿو.

ستايل دَرد سموتين ٿا پنهنجي دل ۾ سدا،
تير نظر جي گهايل ”گُلّ“ کي ور ور گهائي ٿو.

•

•

پينار وٽ چا رکيو آ، جو پئي کي ڏي،
رهيل آ، ماس جو ٽڪرو دلِ، جو طلبگار کي ڏي.

سرويچ سر ڪٽائيندو، طلبگار جي اڳيان،
گردن ڌڙ کان ڌار ڪرائي، دلِ طلبگار کي ڏي.

ڏهي ڏُڌ ڦڙي، ملي ڪا موت جي مون کي،
سڪ ساک وِڃرائي، اک جي اٽيءَ تي.

ماس ويو ڪورجي، جِسم جي هڏن تان،
خون وَيو خشڪ ٿي، آتش پڙڪڻ جي ڪري.

شَبِ روز جستجو رهي ٿيَ، ديدار پَسَڻ جي،
لوڪن جسم سنگسار ڪيو ”گُلَ“ چٽر چوبولي تي.

•

دلِ کي ڪنهن جي ياد ، ستائي ٿي،
دلِ کي روئيندي، منائي ٿي.

دلِ تان ياد وڇڙيلن جي لهي نٿي،
اکڙين مان آب، شبِ روز ڳاڙي ٿي.

سور پرايا دل ۾ ساندي،
تن مَن سان تات، تنواري ٿي.

ويل اَلاجي، وري ڪڏهن وَرن،
دلِ کي ڳڻتي، تن جي ڳاري ٿي.

ميل مجلسون، مئخانا خالي،
تنِ جي لوري "گُلَ" دلِ کي جهوري ٿي.

•

دِلربا تو سان آهي، مُنهنجي دِلِ،
بيقدرا ڪونہ ڪيو،تي ڪو قدر، لتي مُنهنجي دِلِ.

پياري پيار جي پُڙي، پوئواري نہ ڪئي تي،
دِلربا بيقرار ڪيو تي، لُتي مُنهنجي دِلِ.

ڏکيو ڏُکڻهار، ڏُکندو رهي تو،
دِلربا سور ڏئي، سلي تي مُنهنجي دِلِ.

جگر زَخمائي، پرون ڪرايو،
دِلربا خاڪِبَسر ڪيو تي، لُتي مُنهنجي دِلِ.

وائي وات رهي تي، تُنهنجي گهٽي،
دِلربا وآتين رت وهرائي تي، لُتي مُنهنجي دِلِ.

•

پرديسي پيار ۾، پيا سو چڏي ويو،
روئاري رت ڦڙا، اڪيلو ڪري ويو.

دل دَرد ۾ زَخمائي، پروڻ ڪرائي،
مُحبت ۾ ماندو ڪري، مُنهن مٽي ويو.

سور سڙيءَ ڪي، سِرَ سان ويا لڳي،
دل جنو دَردُ اُياري، ديس ڇڏي ويو.

دل دَردُ ۾ پوراڻي، ننڊ نيڻن جي حرام ڪرائي،
دل جو سور سنجرائي، واتين رت وهرائي ويو.

راتيون انتظار ڪندي، باڪ ڦترايان ٿي،
پرديسي مُٺيءَ سان ”گُلَ“ جاڙ ڪري ويو.

تون پاڻ پَتنگ، پَتنگ اُڏارين ٿو،
بسنت بهار جي روايت، پَتنگ اُڏاري نکارين ٿو.

پَتنگ جي هٿ ۾، پَتنگ جي ڏور،
پَتنگ اُڏاري، دِليون موهين ٿو.

سَمسين پَتنگ، آسمان تي چڙهيل ڏسجن ٿا،
شوقينن جون نَظرون، توڏانهن اٿن ٿيون.

نَظر ناز سان، نازرين ڪسجن ٿا،
پَتنگ جي ڪٽجڻ جو، تون لطف وٺين ٿو.

پَتنگ جي ڏور پَتنگ جي دِل سان جوڙي،
پَتنگ جي ڏور "گُلَ" ڏوهي، پَتنگ هٿ ڪرين ٿو.

•

ڏُپرو خال ڏيرن ڪيو، جھرندي وتان ٿي،
ليڙون ڪپڙا ليڙ ڪرائي، پير ڪٺندي آچان ٿي.

اُڪير اَندر ڪي، ڪپيءَ ڪوري ٿي،
جھنگ جھر ڪوھ لتاڙيندي وتان ٿي.

پير پٿون ڪرايا، جَبَلَ جھاڳيندي،
واڪا ڪندي وٺڪار مان، رٽپٽ لتاڙيندي آچان ٿي.

اُجايل اُپ ڏاريندي آچي ٿي، پيار جي پياسي،
بَدوءَ ڪلي پياري ڪير، نيت ڪيئن بري.

دَردَ پڙي دانھن تي، ڏرتي پئي ڏري،
اَندر وئي گھڙي "گُلَ" لَجَ بچائين پَنھنجي.

•

•

چوهه چنبدي تو هرڪو، مون مجبور تي،
سڪن ساڻ ڇڏيو، مَجبور ڪي ظهير ڪري.

ڪُسندي وتان ٿي، ڪنهن ڪي قياس ڪُونهي،
ٻڌي اڻ ٻڌو ڪري ٿو سڀ ڪو، دانهن مجبور جي.

سرتن ساڻ ڇڏيو، ڏک ڏرندي ڏسي،
چرچو، چوٻولو، سٽڙي ور چڙهي پچارن جي.

ساهڙ ساڻ ڇڏي، سڪيو ٿي وينو،
رڻ ۾ رولي ويو، هتان پَلَرَ پَلاڻي.

جِگر زَخِمائي، واتيين رت وهايان ٿي،
جَڏو جيءُ اُجاڙي "گُلَ" ويرن وَر چڙهي.

•

اکـــڙيـون مـــلائـي، شـــوخـي ڏيـکـاريـن ٿـــو،
چـــوري چِـنـيءَ کـي، سِـيـــرَ ڏئـين ٿـــو.

دلِ جـــي رانـــد هـــارائـــي، پـــريـــت جـــوڙي،
ســـڙيءَ کـي ســـاڙي، سَـــوک کـريـن ٿـــو.

دلِ کـــي دوري، گِـــــران ٿـــي گـــــذري،
ســـورن ســـان نـوازي، ســور گـهـٽ کـريـن ٿـــو.

پِـــريـــت پـــريـــنءَ جـــي، راس نـــه آئـــي،
سور سختيون ڏئي، جسم سڪائي هڏڙا ڪرين ٿو.

رمـــز سَـــان رانـــد، هـــارائـي جـــو ويـنـس،
سورن جي سوکڙي ڏئي ”گُلَ“ منهن تي موڙ سجائين ٿو.

●

لاوان ڏياري لوڪن ڪان، سورن سيج وهاري ويو،
سماج جي چوبولي وچ، ڇوريءَ کي ڇڏي ويو.

پيس جي پاتال، تانگهه تارون نه آهيان،
ساگر جي ڇولين وچ، سڙيءَ کي ڇڏي ويو.

دَردَ پيري دابهن، ڪوئي نشو پڏي،
ڇوريءَ کان شال ڇني، لوئي لڄائي ويو.

سڙي سرويچ تي، گهڙي پوندي گهيڙ ۾،
لوڪ ليياريءَ کان، ميور نه ڏجندي پوءِ.

ڇوريءَ سگهيءَ کي، ملي ڪا لولي سورن جي پالڻيءَ کان،
راهي روهه ۾ رولي ”گُلَ“ سکيو تي ويتو.

●

•

سورن سليو اَندر سارو، خون ڳڙي ٿو بار بار،
دلِ جي سور ڪيو بي آرام خون ڳڙي ٿو بار بار.

ڦٽ فِراق جا ڇُٽڻ جا نه آهن، ڪو عِلاج ڏسي،
ڏَڪ ڪاڏو دلِ جو، خون ڳڙي ٿو بار بار.

ويس وڳا ويا وِسري ويراڳي ويس پهريان ٿي،
زَخمي جگر ڪرايو، خون ڳڙي ٿو بار بار.

دنيا جو دستور آهي، ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ،
ڦٽ چڪيا زَخمن جا، خون ڳڙي ٿو بار بار.

شفا يابيءَ جي صورت "گُلَ" نَظرَ نه ٿي اَچي،
سهٽل اَندر جا اَچي زَخم پري، خون ڳڙي ٿو بار بار.

•

•

ديــر نــہ ڪبـر ديــدار ڪــراءِ، دَردَ ڪـيـــو دلــگـيـــر،
دلــبــرداشت تــي تڙپـنـدي وتـان تـي، دردَ ڪـيـو دِلـگـيـر.

اُڪـيــر اَنـدر ڪـي جـــھـــوري وجـــھـي تـي جـــھــيـــر،
مَنُ مـانـدو روح رهـي تـو پـريشـان، دردَ ڪـيـو دِلـگـيـر.

ســـورن ســـھـڻ جـي، ســگـھـــہ نــہ رهـي جـــسـم ۾،
ڏڪ ڏوري، ظـھـيــر تـي آهـيــان، دردَ ڪـيــو دِلــگـيــر.

دِل جـــيَ مـــڪـــڙي وڻــي مـــرجــــھـــائـــي،
ڪـاري راتِ پـئـي تـي ڳـڙڪـائـي، دردَ ڪـيــو دِلــگـيــر.

ســـاهــہ ســـريــر مـــان، ســـرڪـنـدو وڃـي تــو،
ڪوڪون ڪيان تي "گلّ" آڪيچار، دردَ ڪيو دِلگير.

•

•

سنگت سنگتيءَ جي، آشڪبار ڪيو،
سمائي سورن ۾، غمگسار ڪيو.

سورن جو سامان، مهيا سماج ڪيو،
شڪاريءَ شڪار ڪري، سزاوار ڪيو.

وڪوڙيو وهمن، سڪ ڪيئن سمهان،
سنگتيءَ سڙيءَ ڪي، وچ سير لوڙهيو.

لوڪ ليڏاريءَ لوڪن جي، ويتر برو حال ڪيو،
ڏاڍاين ڏاڍن جي، سڙيءَ ڪي سوڳوار ڪيو.

سور تــــــــ، منزوئي ســـــــور،
هڪڙي آهڙي سور "گُلَ" جو سوليءَ سر ڪيو.

•

•

نَظرن جي چرپر سان، دلِ چوُرائي وَيو،
دلِ جو دَردُ، جاڳائي وَيو.

چريون چپ چاپ ۾، وينيون پاڻ جکڙائي،
دلِ جو دَردُ اُڀاري، سور سِنجِرائي وَيو.

ناهي مَنَ ۾ مزو، روح پريشان آ،
عشق جي جوت جلائي، برهه جي باهه پڙڪائي وَيو.

سورش ڪئي سڙين، وينيون دل سلائي،
دلِ جو نا سور پرائي، زَخمن مان خون ڳاڙائي وَيو.

صدا سائل جي، سدا رهي ٿي،
مُحبتَ جو مج مچرائي "گُلَ" وجود پچرائي وَيو.

•

●

نيڻ روئن ٿا نِماڻا،
چريءَ کي، ڇا سمجهايان.

عادت کان مجبور،
رويو روئن ٿا آياڻان.

روڪڻ سان، رڪجن ٿا،
ڳوڙها ڳاڙن ٿا مستانان.

دلِ کي چوٽ اهڙي لڳي،
جنهن وجهن ٿا غيباڻان.

سورن ۾ سڏڪندا رهن ٿا،
رت روئن ٿا ”گُلَ“ ديوانان.

●

•

كنوڻ جي، كيكار هئي،
گاج گهٽي، اوندهہ اَنڌوڪار هئي.

جبل گهاتيون، جهاڳڻ ڏکيون،
چوپولو تہ، تنوار هئي.

پير پهٽن پٿون كيا،
لڪ لوهہ، اِکيچار هئي.

بدوءِ پيل، برو ملسيو،
آهہ زاري، پكار هئي.

لڄ رکي ”گُلَ“ لڄپال،
ڏرتيءَ پئي ڏري، سڙي وئي اندر گهڙي.

•

چوٽ لڳي بي وفا کان، وفائن ۾،
هو ڇا ڄاڻي وفا، جفائن ۾.

ڳلا ڪهڙي ڏجي بي وفا کي، جفائن جي،
جنهن جفا ڪئي، وفائن ۾.

عشق جي چوٽ کائي، دلِ داغدار ڪرائي بي وفا کان،
دلِ داغدار ڪرائي بي وفا کان، وفائن ۾.

دلِ تڙپندي رهي ٿي بي وفا کان جفا تي،
وفائون بدلايون بي وفا، جفائن ۾.

تقدير دربدري ڏني تدبير هوندي،
بي قياس "گُلَ" قياس ڇا ڄاڻي جفائن ۾.

جنهن جي دِل کي جستجو هئي، تنهن کي پائي نہ سگهيس،
جنهن جي دِل کي جهوري هئي، تنهن کي پرپائي نہ سگهيس.

دِل جو سور سنڀالئيندو رهي ٿو،
جنهن جي دِل کي جهوري هئي، تنهن کي رلائي نہ سگهيس.

نينهن نهوڙي نهٻيتو ڪيو،
جنهن جي دِل کي لونجهہ هئي، تنهن کي ريجهائي نہ سگهيس.

پَلئُو ۾ پائي پور، جاڳندي پريات ڪرايان ٿي،
جنهن جي دِل کي اُڪير هئي، تنهن کي پرائي نہ سگهيس.

ڏور ڏيهہ جو پرديسي، راهہ ۾ رولي وِيو،
جنهن دِل جي مکڙي مرجهائي وئي، تنهن کي ”گُلَ“ ٽڙائي نہ سگهيس.

منهن لڪائي مون کان،
جو تي گذري گليءَ مان.

بيحال دل ڪئي،
جو نه تي متائي، منهن سنان.

اندر جو اڱڻ اُجاري،
جو تي جهاتيون پائي پاهران.

لڪ چپ ۾ نظرون ملائي،
جو تي چرڪي مون کان.

دل جو ڀيد چپائي،
جو تي اک پوت ڪري "گل" کان.

•

اڪـــڙيـــون مـــــلائـــي، وڇـــڙي وَيـــو،
ڏڪـــن جـــي ڏور ۾، جـــــڪـــــڙي وَيـــو.

ســــــوَرن جـــــو ســـــمـــــر ڏئـــي،
ســـقـــــراط جـــي ســـبـيـــر ڏئـــي وَيـــو.

آرڏي پـــــار بـــــاروچـــــــــڪـــــــــي،
شال پـهرائي سڙيءَ ڪي، ننگي سر ڪري وَيو.

خـــبـــاطـــري ڪـــرائـــي سـِـــڪ جـــي ۾
ســـــورن جـــي ســــوڪـــــڙي ڏئـــي وَيـــو.

جـهنگ، جبل رٽـپـٽ، جـهـاڳـيـنـدي وتان ٿي،
مـــانـگـر مـڇ مـِرن جـي ”گُـلَ“ ور ڪـري وَيـو.

•

●

دِلِ جو برسيل گلشن، ويران ٿي ويو،
گلشن جو نگهبان، نڪري ويو.

دِلِ جي گلشن جي مکڙي، وئي مرجهائي،
دِلِ جو گلشن، اُجڙي ويو.

گلشن ۾ رونق، گهٽ ٿي ڏسجي،
گلشن جو پکيئڙو، اُڏري ويو.

ويران گلشن، برسائڻ مشڪل آ،
گلاب جو گل، ناياب ٿي ويو.

موسم بوند بهار جي، موٽي آئي،
نڪار گلشن ۾ نه وري "گُلؔ" موٽي آيو.

●

●

دلِ ڏئي دَردَ پِرايو،
هاءِ هاءِ، برباد ڪرايو.

نظرون ملائي، بيقرار ڪرايو،
هاءِ هاءِ، ناشاد ڪرايو.

روڳ لڳرائي، ويراڳ پِرايو،
هاءِ هاءِ، بيسود مارايو.

منهن ۾ ملوڪ، دل جو ڪوتو،
هاءِ هاءِ، نابود ڪرايو.

دوکي دلبي سان، ريهي ريپي،
هاءِ هاءِ، "گُلَ" قيد ڪرايو.

●

ڏنگي ڏيهه جي ڏکن کان، ڏکايون تڳان تي،
سقراط جي سورن کان، صَدمايون تڳان تي.

دنيا جي اٿاين، ڏکايو ڏيهه ۾،
سربستو سامان سورن جو، سموتيون تڳان تي.

نينهن جو نياه، ڪوئي نئو نيائي،
ڏيهه جي ڏکن جون آهون صدائون، لڳايون تڳان تي.

رويو رعيت جو، بدلجي ويو الائجي چو،
رونق روحانيت ڏيهه جي؛ دنيا ۾ ڳنگنايون تڳان تي.

انمول ماڻڪ ويا دنيا مان روگردان ڪري،
آکي باقي ڏيهه جي ڏکن کان. ”گُلَ“ گهارايون تڳان تي.

●

سائل جي صدا تي، ڪوئي ڌيان نٿو ڌري،
پينار جي پڪار تي، ڪوئي قياس نٿو ڪري.

سنگتيو پياسو آهي پيار جو، پيار ئو گهري،
گهايل آهي تير نذر جو ترياق ئو گهري.

صحبت ڪري صنم سان، سيڪت پاتي،
سواليءَ جي صدا آهي، نور نظر ڪو ملي.

سرڪي پياري سڪ جي سرڪي ويو،
سڪايل ڪي سڪائي ئو، سور نٿو پلجي.

ويراڳي وطن تي، الائجي وري،
ستايل جي صدا تي، "گُلَ" صنم ڌيان نٿو ڌري.

●

•

ساروڻ لوڪ ستل آ،
انتظار ۾ ويٺل سورن جي سڙيل آ.

دَردَ جي دانهن، دلِ کي جهوريَ وجهي ٿي جهير،
ننڊ نيڻن کان، ڪسيل آ.

چوريءَ کي سورن شلي، سوين سوراخ ڪيا،
اُهي سوراخ پرڻ، هاڻي مشڪل آ.

سنگت چني چوريءَ کان، سير ڏئي وَيو،
چوريءَ جو ساهه، سرير مان سرڪيل آ.

چوريءَ جو لوڙهه، شل لَٿڻ آچي،
سوڳوارن ۾ ”گُلَ“ بدستور شامل آ.

•

•

ننڊ نيڻن کان وٺي ڇڏائي،
دربدريءَ جون نوڪرون، پئي ٿي ڪائي.

وير روئي ٿي، شب روز نير،
اُلفت ۾ دلِ، پئي ٿي ڏُهائي.

روڄ راڙو، رڪجڻ جو نه آ،
بي اختيار دلِ، پئي ٿي صدائي.

لوڪ ميارون، مليون اکيچار،
گبلا گوندر، پئي ٿي چائي.

اُڪير دلِ کي جهوري وجهي ٿي جهير،
دَمَ دلاسا ڏنيون ”گُلَ“ دلِ کي پئي ٿي پرپائي.

•

•

تيز هوا جي جهڪڙ، جهڳي جهوري وڌي،
اَجهو نڪو ٻيو آسرو، جهڪڙ جهڳي جهوري وڌي.

ڇپر ڇانو نہ ٿيو، لڪ لوهہ سڀ سازيو سرير،
پڇيو پڇائي پڇي پاڻ، جهڪڙ جهڳي جهوريَ وڌي.

گذر بسر ٿئي ٿو، اَڪثر کليل آسمان،
اوندهہ انڌوڪار، جهڪڙ جهڳي جهوري وڌي.

هڪ ڪاري رات، ٻئي گاج گهٽي،
هوا هير جي آڌو، ڏينو وجي اُجهامي.

سور ساريندي ساري رات، وسريو نہ وسرن،
ڪيئن سڪ سمهان ”گُلَ“ جهڪڙ جهڳي جهوري وڌي.

•

●

سنگت رکي چوريءَ سان، چنپر چڏي ويو،
سورن جي سوغات ڏئي، سڙيءَ کي ساڙي ويو.

سڙيءَ کي سماج کان، سرس مليِ سورن جي پڙي،
سورن جي سير ڏئي، بَحر جي پونر ۾ اُڇلي ويو.

کائڻ پيئڻ، ويس وڳا، ويا سڀ وسري،
چوريءَ چنيءَ کي جڳ اندر، رسوا ڪري ويو.

سورن جو سمج، سڙيءَ کي شروع کان مليو،
ڏکن جو ڏاج ڏئي، سورن سيج وهاري ويو.

سرير مان ساهه "گُلَ" سرڪندو وڃي ٿو،
بيوس کي برهه جي باهه ۾ پسم ڪري ويو.

●

•

أُڪير دلِ ڪي جهوري وجهي ٿي جهير، وڇڙيل ور نہ وريو،
سور ڏيئن ٿا سير، وڇڙيل ور نہ وريو.

پيار اُهو پيار نہ رهيو، پيارَ جو پيا سي پيا سو رهيو،
دَردَ جي دانهن دلِ ۾ ساندي، وڇڙيل ور نہ وريو.

جنهن دلِ ۾ سوين سوراخ ٿيا،
اُهيٰ سوراخ پرڻ، وڇڙيل ور نہ وريو.

ڪنڌي ۽ ڪالو، اُوچڻ اَڪثر پراٿو،
لڪ لوهہ، سَيءَ سازيو سرير، وڇڙيل ور نہ وريو.

مَنُ ماندو، دلگير دلِ، دَردَ ۾ جهري ٿي،
”گُلَ“ جيءُ جهورائي، جندجان جلرائي، وڇڙيل ور نہ وريو.

•

•

تُنهنجي ياد، دِلِ تي سدا رهي ٿي،
وسارڻ سان، وسري نٿي.

ڏک ڏيهہ جا گهٽائي ڏنم ۽ سنم،
تُنهنجي جدائيءَ جو ڏک دِلِ، نہ جهلي سگهي.

تُنهنجي اُلفت پولڻ، ظهير ڪيو؛
شِدت غم جي دِلِ تان، لهي نٿي.

تُنهنجي اُڪير دِلِ کي جهوري وجهي ٿي جهير،
تُنهنجي تنوار، جند ڇڏي نٿي.

باغ نہ باغ ۾ ”گُلَ“ رهيو،
باغ مان بلبل، اُڏامي وئي.

•

●

پيارا تُنهنجي پيار ۾، پار اُولا پيندو وتان ٿو،
جبل ڳڀاٽيون جهنگ وستيون ڳولهائيندو وتان ٿو.

بيماريءَ جي چوٽ ڦهري، توکي ڪٿان لڳي،
تُنهنجي بيماريءَ جو علاج ڪرايون وتان ٿو.

ڊاڪٽرن جو علاج، توکي ڪين لڳو،
تُنهنجي حياتيءَ جو خاتمو، اسان کي ڏسڻو پيو.

زنده رهيم، زندگي نه رهي،
جڏي پيءُ جو آڄ، سهارو ڇڳو.

تُهنجي فُرقَتَ غَم، پولو پٽ جيئڻ جنجال ڪيو،
”گُلَ“ کي اڪيلو ڪيون، جلايون ويو.

●

•

گھايل دلِ کي دَردَ کان، بچائي وڃ اَچي،
دلدار دلِ کي، دلِداري ڏئي وڃ اَچي.

تُنهنجي اُلفت سبب، ننڊ حرام ڪئي منهنجي،
ننڊ نيڻن کي، ڪرائي وڃ اَچي،

توکي ياد ڪندي پرين، اُداس گذاريان ٿو،
منهنجي روح کي راحت، ڏئي وڃ اَچي.

دلِ حيران، پريشان رهي ٿي،
فُرقَتَ غَم کان ”گُلَ“ کي نجات ڏئي وڃ اَچي.

تون تہ منهنجي مَنُ جو موتي هئين،
دلِ ويران کي پوڻ، سرچائي وڃ اَچي.

•

•

ڳُڻتين ڳوهي، ڪاڏو وِهه ڪيو مُنهنجو،
گهمڻ ڦرڻ آرام، وِهه ٿيو مُنهنجو.

پيارا تنهنجي پيار ۾، رسوائي ملي مون کي،
ڏيهه جي ڏکڙن ويتر پيڇو ڪيو مُنهنجو.

هر لمحو گذري ٿو، سقراط جي مانند،
صبر جو پيمانو، لبريز ٿيو مُنهنجو.

تنهنجي صورت جا نقش، سدا رهن ٿا ذهن تي،
تنهنجي سورن جي تُحفي، سر سوليءَ ڪيو مُنهنجو.

فُرقَتَ غَم "گُلَ" جو ڪهڙو حال ڪيو،
ننڊ نيڻن کان وڃائي، سڪيو ٽڪر ڪاٺ وِهه ٿيو مُنهنجو.

•

●

سورن جو سمر ڏئي، سڪيو تي وينين،
ڏيب ڏکن جو ڏئي، ڏکنيو ڪري وئين.

هير دل، دلِ هاجيڪار رهي تي،
جڏي پيءُ جي زندگي، اُجيرن ڪري وئين.

نه روح کي راحت، نه مَنَ ۾ مزو،
هن دنيا جي هستيءَ کان فنا ڪري وئين.

دنيا جو دستور آهي، ڏکيءَ کي ڏکائڻ،
ديار گور ۾ ”گُلّ“ کي جيئرو وجهي وئين.

تنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو، ويو جوانيءَ ۾ گل ٿي،
پوئرن کي جهوري، اُجهائي وئين.

●

●

چو تو واويلا ڪرين، زندگيءَ فانيءَ تي،
چو تو ويچارين، زندگيءَ جي بيوفائيءَ تي.

ڪـل نـفـس ذائـقـة الموت آ،
بـقـا تـلاش ڪـرڻ اجـائـي آهـي.

پرائي غم جي ڪنهن کي پرواهه آ،
اهڙي ڪـوڄ لـڳـائـڻ اجـائـي آهـي.

وفـا ڪـٿـي نـه رهـني آ،
زنـدگـي، پـرائـي آهـي.

چو تو اُوسيئڙا اُولاڻي، هجائين پاڻ کي،
هـر شـيءِ "گـل" فـانـي آهـي.

●

•

مون کي هت اڪيلو ڪري، ڪهڙي دنيا وسائي تو،
ڳولهائيندي شهر بستيون گهٽ گهاڙ، ڪٿي نہ پاتو توکي مون.

وئين موڪلائين ورڻ جو واعدو ڪري، وري نہ ورين موٽي تون،
جدائيءَ جي شدت مون کي اذيتناڪ ڪري ٿي، ڪٿان پايان توکي مون.

گهر، شهر، ڳليون، سنسان ٿيون لڳن،
مون کِي روج راڙي کان بچاءِ اچي، مون سان مل موٽي تون.

جڏي پيءُ جي زندگي اجيرن ڪري وئين،
ڏکي جيءَ کي ڏک ڏاڪڙن کان بچاءِ اچي تون.

لڙڪ ڳڙن ٿا لار ڪري، تنهنجي اُلفت ۾ پرين،
اڳي ئي ولر کان وڇڙيل آهيان، ويتر "گُلَ" کي وڇوڙو وئين ڏئي تون.

•

●

سڄو شهر سنسان آ،
توکانسواءِ ويران آ.

جڏي جيءَ جو جيئڻ، محال ڪري وئين،
اکڙين مان آب روان آ.

تنهنجي ياد، ستائي ٿي،
صدمو سهڻ نه آسان آ.

گهر جي رونق گهٽجي وئي،
هرڪو حيران، پريشان آ.

جڏو پيءُ، جهرندو رهي ٿو،
توکانسواءِ ”گُلَ“ جي جيءَ ۾ نه جان آ.

●

•

آواز ڏي ڪتي آهين،
نظرن کان ڏور ڪٿي آهين.

تنهنجي تبات تنوار، دِلِ ڪي آهي گهٽي؛
نظرن کان اُوجهل، ڪٿي آهين.

پيار جو پرستار، پريشان گذاري ٿو،
سورن ۾ سڙي، ڪٿي آهين.

روج راڙو، سر سان لڳي ويو،
اکڙين مان آب، وهائي پئي وئين.

مان تہ سمجهو هيو، تون ساٿ نڀائيندين،
جڏي پيءُ ڪي اُجاڙي، اُجهائي وئين.

•

سنڌي شاعريءَ ۾ "مارئي" هڪ ڪردار به آهي تهڪ اهڃاڻ (Symbol) به! مان نه ٿو سمجهان ته ڪو اهڙو سنڌي شاعر هوندو، جنهن "مارئيءَ" تي نه لکيو هوندو. "گل" درانيءَ به انهيءَ روايت سان پاڻ کي جوڙي رکيو آهي:

پر لڳن اُڏامي وڃان،
سنگهارن کي وڃي ڏسي اچان.

انهيءَ ڪلام جون آخري سٽون عجيب آهن، جيڪي ان کي منطقي پڄاڻيءَ تي به رسائين ٿيون. انهيءَ ڪلام ۾، ڪنهن سا به ڪو به ڏک ڏوراپو نه آهي، نه عمر سان نه مارن سان ۽ نه قسمت سان.

نيٽين نير ڳڙن، انهن جي جدائي ڪان،
سار سنگهارن جي "گل" وڃي ڏسي اچان.

مارئي اهو نه ٿي چئي ته سنگهار منهنجي اچي سار لهن، پر هوءَ پاڻ سنگهارن جي سار لهي اچڻ لاءِ اتاولي آهي. يقيناً هڪ شاعر جو، بنيادي ڪم تخليق ڪرڻ ئي آهي. هڪ تخليق مڪمل ڪري، هو ٻيءَ تخليق ڏانهن وڃي ٿو. هو ڪا تخليق اڌ ۾ ڇڏي، ٻيءَ ڏانهن وڃي ٿو. ائين هن جي ڪم ڪڏهن به پورو نه ٿو ٿئي. وصال ۾ فرق جو ڪنٽڪو، فراق ۾ وصال جي آس. پرديس، پرديسي ۽ ان جي ياد "گل" دراني پڙهندڙن کي ان رَندَ پَندَ تان ونئي ٿو هلي ۽ هن جي دل ۾ به ڪا ياد جاڳي ٿي اُٿي:

پرديسي ياد اچي ٿو،
دل ڏتاري، ديس ڇڏي ويو.

-امداد حسيني

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻَڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَڙهَندڙ نَسُل) پَنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُھديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٿن جٿن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙَهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)